
اُجڙيل آهيرو
(ڪهاڻيون)
غلام رسول پرهياڙ

# اجڙيل آهيرو

(ڪهاڻيون)

## غلام رسول پرهياڙ

ڇپائيندڙ
**سنڌي ادبي سنگت – ميرپور بٺورو**

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب جا حق ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: اُجڙيل آهيرو
موضوع: ڪهاڻيون
ليکڪ: غلام رسول پرهياڙ
ڇاپو پهريون: آگسٽ 2018ع
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: مور ساگر
ڪمپوزنگ: نعمان علي جوڻيجو
ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي سنگت- ميرپوربٺورو
ڇپيندڙ: ساحل پرنٽر اينڊ پبليشر حيدرآباد 03332634650
قيمت: 100/- روپيا

# انتساب

هي ڪتاب منسوب
ڪريان ٿو
جيئري جُدائي ڪري ويل
پنهنجي ماءُ مريم
جي نالي

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”اجڙيل آهيرو“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناماري ليکڪ **غلام رسول پرهياڙ** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

غلام رسول هڪ بهترين ڪهاڻيڪار آهي. هن جاندار موضوعن تي شاندار ڪهاڻيون لکيون آهن، ڪيس وڏي ڳالهه کي مختصر نموني بيان ڪرڻ جو فن اچي ٿو، نه رڳو ايترو پر ٻولي تي به وڏو ملڪو حاصل اٿس. سنڌس ٻولي ايتري ته نبار آهي جو سنڌ جا ٿورڙا اديب اهڙي نج ٻولي لکندا هوندا. ٻولي ۽ انداز بيان جي ان خوبصورتي جي ڪري سندس ڪهاڻيون اهڙيون ته وٽندڙ تي پيو آهن جوا نهن کي پڙهندي ماڻهوءَ ٻوريت جو شڪار ڪونه ٿوئي.

هي ڪتاب 2018ع ۾ **سنڌي ادبي سنگت- ميرپوربٿورو** پاران ساحل پرنٽرز ۽ پبلشرز حيدرآباد وٽان ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري مور ساگر جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائيءَ جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ▪ | ٻه اکر | 07 |
| ▪ | مهاڳ | 08 |
| ▪ | پنهنجي پاران | 11 |
| 1. | اُجڙيل آهيرو | 12 |
| 2. | فقيرياڻي | 17 |
| 3. | رملي | 19 |
| 4. | ماڻهوءَ ماني | 21 |
| 5. | پائوڊر | 23 |
| 6. | سون ٻائي | 24 |
| 7. | ڪونج | 26 |
| 8. | چور | 29 |
| 9. | ويراڳي | 31 |
| 10. | وڇايل ماڻهو | 34 |
| 11. | رمون ٻولڙي | 37 |
| 12. | هينئڙو تولئهِ قارون قارون | 39 |
| 13. | دُعا | 43 |
| 14. | هيٺا ماڻهو روئي ويهندا | 45 |
| 15. | سنڌو ڪِناري | 47 |
| 16. | خُدائي ڏاج | 52 |
| 17. | حق جي ڳولا | 53 |
| 18. | توبن حياتي اڌوري | 56 |
| 19. | روح جا رشتا | 58 |
| 20. | چيٽ | 60 |
| 21. | چيچڙو | 62 |
| 22. | ميخون محبت سنديون | 64 |

# ٻه اکر

خوشي جي ڳالهه آهي جو غلام رسول پرهياڙ جي ڪهاڻين جو ڪتاب شايع ٿيو آهي. غلام رسول هڪ بهترين ڪهاڻيڪار آهي. هن جاندار موضوعن تي شاندار ڪهاڻيون لکيون آهن، ڪيس وڏي ڳالهه ڪي مختصر نموني بيان ڪرڻ جو فن اچي ٿو نه رڳو ايترو پر ٻولي تي به وڏو ملڪو حاصل اٿس. سندس ٻولي ايتري ته نبار آهي جو سنڌ جا ٿورڙا اديب اهڙي نج ٻولي لکندا هوندا. ٻولي ۽ انداز بيان جي ان خوبصورتي جي ڪري سندس ڪهاڻيون اهڙيون ته وڻندڙ ٿي پيون آهن جوا نهن کي پڑهندي ماڻهوءَ بوريت جو شڪار ڪونه ٿوٿئي. يقينن سندس هي ڪتاب ”اُجڙيل آهيرو“ ڪهاڻي ڪيتر ۾ اهم جاءِ والاريندو.

**ابو راشد**

# مهاڳ

غلام رسول پرهياڙ کي آئون گهڻي وقت کان سڃاڻان. ساڳئي ترَ جا آهيون. ساڳئي محمود واهه جي ساڳئي ڪناري تي اسانجا ڳوٺ آهن. ڳوٺن جي وچ ۾ ڪو ٽن چئن ڪلوميٽرن جو فاصلو آهي. ساڳي ڀهراڙيءَ جي لاڙي لهجي واري سنڌي ٻولي ڳالهايون ٿا. اسان ٻئي انتهائي غربت واري ماحول ۾ نپنا آهيون. اسان ٻئي ٿور ڳالهائو هجومن کان ٿهندڙ احساس ڪمتريءَ ۾ ورتل ۽ حجابن ۾ وڪوڙيل رهيا آهيون. اتفاق سان وري ٻئي حساس دل ليکڪ ۽ سياسي ڪارڪن به آهيون. اسانجي غربت، احساس ڪمتري ۽ اسان جا حجاب، اسان کان لکڻ پڙهڻ ته خير ڪسي نه سگهيا آهن، پر سياست ۾ اسان ٻئي ڪو خاص نالو ڪمائي ڪونه سگهيا آهيون. ڇو ته اڪثر سياسي اڳوڻ چوندا آهن ته سياست ۾ ڪا به ڳالهه حرف آخرڪانه هوندي آهي. تنهن ڪري سياست ۾ ڦيريون گهيريون جائز هونديون آهن. ۽ اها ڳالهه اسان ٻنهي جو روح جهنجهوڙي ڇڏيندي آهي. اِهو ئي سبب آهي جو اسان ٻئي سياسي جلسن ۾ پنڊال جي آخري ڇيڙي تي بيٺل هوندا آهيون.

سو ڳالهه پئي ٿي ته اتفاق سان اسان ٻئي ليکڪ به آهيون ۽ ٻنهي جون پسنديده صنفون ڪهاڻي ۽ ناول آهن. غلام رسول پرهياڙ جو هڪ ناول شايع ٿي چڪو آهي ۽ سندس ڪهاڻين جو هيءُ پهريون مجموعو آهي.

غلام رسول پرهياڙ جي هن ڪهاڻي ڪتاب ”اُجڙيل آهيرو“ ۾ اجڙيل آهيرو ڪهاڻيءَ سميت ڪُل ٻاويهه مختصر ڪهاڻيون شامل آهن. جن مان ڪي ته بنهه مختصر ڪهاڻيون آهن. ساٺيهه جي هن ڪهاڻيڪار، سندس مختصر ڪهاڻين کان به مختصر جسماني قد بت رکندڙ پر تمام وڏي قد واري ڪهاڻيڪار کي اڳيان اچڻ جا موقعا نه ملي سگهيا آهن. نتيجي طور هو هڪ گمنام ڪهاڻيڪار آهي. جنهن کي دڙي ۽ ٻنوري جي ادبي دوستن کانسواءِ ٻيو ڪير به ڪونه سڃاڻي. پر جيڪڏهن ڪيس سنڌ جي مختلف معياري رسالن ۾ ڇپجڻ جو موقعو ملي ها ته جيڪر هو به نالي وارو ڪهاڻيڪار ڪري ليکيو وڃي ها.

غلام رسول پرهياڙ جي ٽائٽل ڪهاڻيءَ تي 6_8_1982 جي تاريخ لکيل آهي ۽ باقي ٻين ڪهاڻين تي تاريخ لکيل ڪانهي، پر لڳي ائين ٿو ته سواءِ ٻن ٽن تازي لکيل ڪهاڻين جي، باقي سڀ ڪهاڻيون ويهين صديءَ جي پڇاڙڪن سالن ۾ لکيل آهن. ڇو ته اڄ يعني مارچ 2018ع ۾ سنڌي ڪهاڻي تمام گهڻو اڳيان نڪري چڪي آهي. وقت، عالمي ۽ مقامي حالتن مطابق سنڌي ڪهاڻيءَ جون تقاضائون گهڻو بدلجي ۽ ترقي ڪري چڪيون آهن. ۽ هوءَ دنيا جي ڪهاڻيءَ جي وِڪ سان وک ملائي هلڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. توڙي جو حاڪم ۽ محڪوم قومن جون ترجيحات ۽

تقاضائون الڳ الڳ هجن ٿيون. پر تنهن هوندي بہ اسين پنهنجي ترجيحات ۽ ميسر موقعن مطابق پيش قومي قدمي ڪري رهيا آهيون.

غلام رسول پرهياڙ ڳوناٽي ماحول ۾ بنهہ اونهي ۽ گهري مشاهدي تحت ٻهراڙين ۾ ٿيندڙ اڪثر اهڙيون وارداتون جيئن جو تيئن قلم بند ڪيو آهن. پر ڪين ڪهاڻيءَ جي تاڃي پيٽي ۾ سموئي اهڙي تہ اثرائتي ۽ روح کي جهنجهوڙيندڙ ۽ من ۾ مانڌاڻ مچائيندڙ انداز ۾ بيان ڪيون آهن جو سچ پچو تہ ڪهاڻيون پڙهندي پڙهندي ٻن جاين تي منهنجون اکيون پرجي آيون ۽ هڪ ڀيرو تہ مون کان بي اختيار ڊِڪ نڪري ويئي.

هيءُ بہ سچ آهي تہ غلام رسول پرهياڙ جون هي ڪهاڻيون دنيا جي سطح تي يا ملڪي ۽ مقامي سطح تي ڪوبہ انقلاب يا ڪا وڏي اُٿل پٿل ڪونہ آڻيندون، پر هي پڙهندڙ کي پنهنجي گهر ۾، تر ۾، ڳوٺ ۾ ۽ ٻهراڙين ۾ ٿيندڙ لقائن جي چٽي تصوير جو آئينو ضرور ڏيکاريندون.

غلام رسول پرهياڙ جي ڪهاڻين ۾ لاڙي لهجي واري ٻولي، تلفظ، ٺُڙ ۽ ٺيٺ لفظن جو جيڪي گهرن ۾ گهٽو ڪري رڳو عورتن طرفان ڳالهايا ويندا آهن، اهڙو تہ حُسن، نزاڪت ۽ مناس ڀريو استعمال ٿيل آهي جو ڇا چئجي! ڪهاڻي ”اجڙيل آهيرو“ جي ”جامان پنهنجي مڙس کي چوي ٿي، جيڪو پٽ کي نوڪري وٺي ڏيارڻ لاءِ سندن رئيس وٽ وڃڻ لاءِ سنبري پيو. جامان چيو ”اي اِهو مئو ڪامَ ڪوسڙو آهي. ڪڏهن بہ سچو ڪونہ ٿيندو. مرڳو ٿانڊو لڳي ويندس. شل ساڃاهہ اچيس ۽ ڏٽي ڪامن ۾ وجهيس. آئون توکي منع ڪانہ ٿي ڪريان ڀلي وڃي ڏس“. لفظ ڪام ڪوسڙو جنهن جي منهنجي خيال ۾ معنيٰ ٿيندي ترڙو، هلڪڙو، لوسي، بي مهابو، غيرذميوار_ هڪڙي هارياڻي، جنهن کي پنهنجي رئيس صيفل خان جي ڪرتوتن جي بخوبي ڄاڻ آهي. سا اُن لاءِ ڪيڏو نہ ٺڙ ٺهڪندڙ هوبهو تصوير ڪشي ڪندڙ ۽ سندس اندريان توڙي ٻاهريان پول پڌرا ڪندڙ هڪ ئي لفظ استعمال ڪري هن جو اصل چهرو ظاهر ٿي ڪري. ۽ اِهو لفظ اسان جي تر ۾ تہ عام طرح استعمال ٿيندو آهي پر مون ڪنهن بہ سنڌي ڪتاب ۾ ڪٿي بہ ڪونہ پڙهيو آهي.

ساڳي طرح غلام رسول پرهياڙ جي ڪهاڻي ”روح جا رشتا“، ”سنڌوءَ ڪناري“ ۽ ”خدائي ڏاج“ ۾ سمايل درد ڪان وڏيڪ درد بہ دنيا ۾ ڪو ٿيندو آهي ڇا!؟ ها برابر، دنيا جي سڄي تاريخ ڪوس گهر بنيل رهي آهي. لکين ڪروڙين ماڻهو جنگين ۾ ڪٽا ويا آهن. رت جون نديون وهيون آهن. ماڻهن جي اکين ۾ تتل ڳاڙهيون سرايون گهمايون ويون آهن. جيئرا ماڻهو ڀتين ۾ لُنبيا ويا آهن. پر جيڪو درد پوڙهي بيلدار جي چيل لفظن ۾ آهي، جيڪا پيڙها ستن ڏيئرن جي ڀيءُ جي خاموش زبان ۾ آهي، ۽ چاندوءَ جي سنڌ ياترا مهل ڳوناٽن سان ڪيل ڪچهريءَ ۾ جيڪا درد ڪٿا سمايل آهي، اُن جي مٽ بہ ڪو ٻيو درد ٿي سگهي ٿو!؟

اسين ماڻهو انهن دردن، اذيتن، سورن ۽ پيڙاهن جي ديس جا ماڻهو آهيون. اسان مان جيڪڏهن هر هڪ نہ، تہ بہ اسان جي تمام وڏي گهڻائي دردن جي ان گهاٽي ۾ پيڙهجندي رهي آهي ۽ صبر ۽

شڪر ڪندي اهي سموريون عقوبتون سهندي رهي آهي. پر ڇا اِهو ضرور آهي ته اسين سدائين سهپ، صبر ۽ شڪر جو مظاهرو ڪندا، اهي ظلم، زيادتيون، عقوبتون ۽ اذيتون سهندا رهون؟ حقن جي لتاڙ ڪندڙن سان ڪنهن به طرح، ڪنهن قسم جو مهاڏو نه اٽڪايون ؟ ۽ وات جو گرهه ڇنندڙن کي جيءَ ۾ جايون ڏيندا رهون؟

تنهنڪري اسان مان هر هڪ کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ کان اڳ، هر طرفي سوچ، سمجهه، تجربو، قوت ۽ وات جو تعين ڪرڻو پوندو ته جيئن اسين، اسان کي درپيش مسئلن، مامرن، مشڪلاتن ۽ رنڊڪن کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏيئي سگهون. اِها ئي وقت جي تقاضا آهي. اهوئي هڪڙي باشعور انسان جو ڪارج هئڻ گهرجي، پوءِ ڇاهي هو ڪهڙي به شعبي سان لاڳاپيل هجي.

وقت جي تقاضا آهي ته اسانجي ڪهاڻين جا موضوع به ان حقيقت جي ترجماني ڪندڙ هجن. ڇو ته ڪهاڻي ادب جي هڪڙي اهڙي صنف آهي، جيڪا وندر، دلچسپي ۽ رومانس جي چاشنيءَ ذريعي پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪري ٿي، ۽ منجهس سمايل پيغام ۽ وات جي لاٽ پڙهندڙ جي ذهن کي روشن ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي.

سدائين گڏ_ساٿ سلامت_سنڌ سلامت.

**پرويز**
20 مارچ 2018ع
موبائيل 0308_3065201

# پنهنجي پاران

لڳ ڀڳ سٺتيهہ سال اڳ جڏهن اڃا ننڍو هئس، تڏهن ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيم. گهڻو وقت گذري چڪو آهي. هاڻ ماڻهو مونکي پوڙهو سمجهندا آهن ۽ آئون پاڻ کي جوان سمجهندو آهيان. ايتري وقت گذرڻ جي باوجود منهنجي مزاج ۾ ڪا بہ تبديلي نہ آئي آهي، جهڙو اڳ هئس اڄ بہ اهڙو آهيان. اهو ئي جذباتي، اهوئي روڻڪو اهو ئي عاشق، اهو ئي اڪيلو اڪيلو.

هونئن تہ آئون پنهنجي ذاتي زندگي ۾ ڏاڍو تڪڙباز آهيان، پر ڪهاڻين جو ڪتاب ڇپرائڻ ۾ ڏاڍي سُستي ڪئي اٿم. پهرين تہ ڪتاب ڇپرائڻ جو ارادو ئي بدالائي ڇڏيو هئم. ڇو تہ سمجهيم ٿي منهنجيون گهڻيون ٽڙيون ڪهاڻيون اڳ جو لکيل آهن. هاڻ شايد ماحول بدلجي ويو آهي. ان ڪري اهميت جوڳيون نہ رهيون هجن. پر وري جڏهن سنجيدگي سان سنڌ جي حالتن تي نظر وڌم تہ لڳو هتي ڪابہ تبديلي نہ آئي آهي، اسان اڄ بہ پراڻي دور ۾ رهون پيا. ٻيءَ ڳالهہ تہ هي ڪهاڻيون مون وڏي محنت سان لکيون آهن. لکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. خاص ڪري تخليقي لکڻيون لکڻ لاءِ ماڻهو کي وڏي پيڙاءُ ۽ اذيت مان گذرڻو پوي ٿو. آئون بہ انهن مرحلن مان گذريو آهيان. تنهنڪري پنهنجيءَ محنت کي رائيگان ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڪتاب کي ظاهر ڪرڻو پيو. آس اٿم منهنجو هي پورهيو پڙهندڙن کي پسند ايندو.

**غلام رسول پرهياڙ**

**ميرپور بٺورو**

12 مارچ 2018ع

موبائل نمبر:0301_3638466

# اُجڙيل آهيرو

آچار ٻنهه غريب هو. وٽس رات هوندي هئي ڏينهن ڪونهه هوندو هو. هن پاٽڪي گروي رکائي ٻه پنهنجي پُٽ قاسم کي پڙهايو. قاسم ٻه روح سان پڙهيو هن ڪڏهن ٻه منهن تان ڪتاب نه لاٿو. پڙهي پڙهي اکيون سڄي پونديون هئس. ڪوسي هجي يا ٿڌي، هن جا پير اگهاڙا. روزانو ٽي ميل پنڌ ڪري شهر پڙهڻ ويندو هو. هو هڪڙي ڏينهن لاري تي چڙهيو. ڪنڊيڪٽر پاڙو گهريس، وٽس پاڙو ڪونهه هو. پاڙي نه ڏيڻ ڪري کيس لاري مان لاهي ڇڏيائون. اهو ڏينهن ڏنگ ڪيائين، جيترو وقت پڙهيو لاري تي نه چڙهيو. قاسم جي پڙهڻ جي ڳوٺ ۾ رڙ لڳي وئي. سيڪو چئي ”واهه ڇوڪرا واهه! ڀلي توکي ماءُ ڄائو.“

آچار کي هڪڙي ڏيءُ ٻه هئي. نالو هئس ميرزادي. هوءَ ويچاري سدائين اہالڙي هوندي هئي. ڳوٺ ۾ جڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ کي ڪو نئون وڳو پاتل ڏسندي هئي ته منهن پلڪڙو ڪري روئي ماٽس کي چوندي هئي، ” امان! ابا کي چئو ته مونکي ٻه اهڙو نئون وڳو وٺي ڏي.“ ماٽس سندس لُڙڪ اگهي چوندي هئي، ”ججها ڪپڙا منهنجي ٻچڙي کي.“ اهڙي طرح سندس انگل ۾ کيتي کي تاري ڇڏيندي هئي. ماٽس ڄامان جنهن جا هٿ سيبا ڪري ڪري سُين مان ونڌجي ويا هئا. هن سڄي ڳوٺ جا پورهيا ۾ رئيس جو گولپون ڪري چار ڏوڪڙ تاريا هئا. جنهن مان پُٽ جا ڪتاب ۾ ميرزادي جون والڙيون ٻه ورتائين. ميرزادي کي جڏهن سونيون واليون مليون تڏهن سندس انگ انگ جهومي اٿيو. هوءَ ٽڙي پئي ۾ اها سڄي رات ڪونه سُتي. صُبح جو اٿڻ سان ئي سڄي ڳوٺ کي پنهنجون واليون ڏيکاريائين. ماٺهو سندس اہالپٽي ۾ ٻالائي ڀولائي تي کيس ڀائيندا هئا.

قاسم مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو آچار جي دنيا ان ڏينهن روشن ٿي ويئي. هو خوشي مان جهلئي نٿي جهليو. هر ڪنهن ڳوناٽي کي زوري ڪيرون ڏيندي وتيو. قاسم ٻه ماءُ پيءُ کي پيرن پيو ۾ وڏيڪ دعائون ورتيون. پنهنجي هڪ جيڏن سان پاڪر پائي مليو. سندس دوست رمون کي چيائين، ”رمون يار! دعا ڪر ڪا نوڪري ملي ته پوءِ دوستن جي دعوت ڪريان. هونئن ٻه يار رُکا ڪائي ڪاتي پيٽ ڪڙهي پيا آهن“. ماٽس ستين سڳورين جو سلام پري آئي. هن پنهنجي مڙس آچار کي چيو، ”ڏولاري جا ڏينهن ويا. هاڻ اڃي لَڪ لنگهيا آهيون. ڪنهن وٽ هٿ جهلڻ منهن جي ڪاتي آهي.“

آچار چيو ”چريءَ! واقعي ويا لُڙهه لهي. هاڻ اڃي سُنڊ ٿيا آهيون. آئون اڄ ئي رئيس صيفل خان وٽ ويجان ٿو. کيس وجيو ٿو سوال ڪريان ته قاسم لاءِ ڪا نوڪري وٺي ڏينم، ته پنهنجيءَ منٽ موٽاج ٿيون. پيٽيان! اسان ستن پيڙهين کان سندس ماڙهو رهندا پيا اچون، مونکي جباب ڪونه ڏيندو. پاڻ خوش ٿيندو.“

ڄامان چيو ”اي اِهو مُئو ڪام ڪوسڙو آهي. ڪڏهن ٻه سچو ڪونه ٿيندو، پاڻ ٽانڊو لڳي

ويندس.شل ساڃاهہ اچيس ۽ ڏٺي ڪا من ۾ وجهيس. آئون توکي منع ڪانہ ٿي ڪريان، پلي وڃي ڏس.“

آچار ٻئي ڏينهن سندس زميندار رئيس صيفل خان جو دَر وڃي جهليو. هن رئيس کي چيو”رئيس! اصل مامل ڪان وٺي آنجا ماڙهو آهيون. ڪاري رات ۾ بہ ڪنڌ ڪونہ ڪڍايو اٿئون. ابا ڏاڏا هتي ڪاڇي کپي ويا، ڪڏهن بہ تنهنجو در ڪونہ ڇڏئون. هاڻ مونسان ڪا ٽيڪ ڪر.“

رئيس چيس،”ديگهہ نہ ڪر، پنهنجي مطلب جي ڳالهہ ٻڌاءِ.“

”قاسم مئٽرنگ جو امتحان پاس ڪيو آهي. هاڻ سرداري ڪري ڪا نوڪري وٺي ڏيوس. مون ۾ هاڻ طاقت ڪانهي جو اڳتي پڙهايانس. جيڪو چل چوڏو هو سو سندس پڙهائي تي لاٿم. جي مون مشڪين تي وڙ ٿيندو تہ هٿ کڻي دعائون ڪنداسين. آنجا هٿ وڏا آهن. الله ٻچن مان لک ڪندوني.“

رئيس اها ڳالهہ ٻڌي سڙي ويو. سندس رت ٿهڪي اٿيو. هن پنهنجي موچڙي جي پُٽ کي امتحان ۾ ڪامياب ٿيندي ٻڌي چتو تي پيو. ڪيس سندس انباري ۽ وڏائي ڪرندي ڏسڻ ۾ آئي. هن منهن اٽلائي آچار کي رهڙ پٽيندي چيو ”مون اوهان جو ٺيڪو تہ ڪونہ کنيو آهي، جو اوهان جا ٻُر بہ پريان ۽ اوهانجي ڇورن کي نوڪريون بہ ونرائي ڏيان. چڱي کي مرين تہ وڃي ٻني ٻاري سان لڳائينس. هرو ڀرو ڇوري کي پاڙهي ڪاري ڇڏئي. اهو وري ڪهڙو آفيسر ٿيندو. ڪانگ مور جي چال سکيو تہ سندس هلڻ بہ وسري ويس.“

آچار رئيس جو رخ سمجهي ويو. هُن مُني بہ ماٺ ۽ مِني بہ ماٺ سمجهي پير پنيرا ڪيا. ايندي شرط ڄامان کي چيائين،”پيٽيان! تون سچي هئين. چتو ٿيو وينو هو ماڳهين ظالم ڪاڏو هئس.“

ڄامان چيو ”انهيءَ مرونءَ کي آئون اڳئي سڃاڻان. اها ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي، دل نہ لاهي. ٻئي پيءُ پُٽ گڏجي هاقيسن مان پڇا ڪريو من ڪٿي ڪو پيٽي بلو تي پوي.“

پوءِ قاسم ۽ پٽس گڏجي آفيسن جا چڪر، آفيسرن جا دڙڪا، وڏن ماڻهن جون چڙٻون جهليندا، جتيون گسائيندا رهيا. نيٺ هڪ ڏينهن آفيس ۾ هڪڙي ڪلارڪ کين چيو ”اوهانکي ڪا خبر آهي تہ نوڪريون ائين ڪونہ ٿيون ملن ميان! هرو ڀرو پيا ڪوٽي ٿيو. باقي منهنجيءَ صلاح وٺو تہ ڪم ٿي ويندو.“

”اها ڪهڙي صلاح آهي ؟“ آچار سوال ڪيس.

”اڄ ڪلهہ زمانو ڏنو پُٽ ڇُٽي جو آهي. جي چار ڏوڪڙ وجائيندا تہ ڪو ڪم ڪندا، نہ تہ ٻيو ٿيو خير.“ آچار اها ڳالهہ ويچاري هن سان هاءُ ڪئي. نيٺ گهٽي ڇڏ ڇوٽ ۽ منت ڪانپوءِ پنج هزارن تي ڳالهہ اچي بيٺي. آچار اهي پيسا ٽئي ڏينهن تي کڻي اچڻ جو واعدو ڪري موڪلائڻ لڳو.

انهي همراهہ چيس، ”چاچا، تون پنڌ نہ ڪج، پيرسن آهين. باقي اها رقم تنهنجي پُٽ کي ڏج تہ کڻي اچي. هونئن بہ نوڪري تہ هيءُ ڪندو. پلي آفيسرن سان اٿي ويٺي ٿئيس.“

آچار ايندي شرط اها حقيقت پنهنجي زال سان ڪئي. هو ٻئي اٿهوند جي ڪُن ۾ ڦاسي پيا. سڄائي مانگر مڇ ٻنجي ڪين ڪائڻ آئي. هنن جي ٻيءَ ڪابہ واهہ ڪونہ هئي. قاسم ڪاني ڪٽي زمين وڃي ڪوٽي. ميرزادي ٿنهيڻ ڪي گهورڻ لڳي. هو ٽيئي خاموش هئا. نيٺ آچار ڪنڌ مٿي ڪنيو. سندس نظرون خالي گهر جي ڪُندن تان ڦرنديون اچي ميرزادي جي ڪنن تي ڪتيون. ميرزادي پيءَ ڪي چيو "بابا! ڇا ٿو ڏسين؟ بابا، تون ڳالهائين ڇو نٿو؟" ڇامان ڪنڌ ورائي پنهنجي وَر ڪي ڏٺو. آچار جون نگاهون اجان بہ والين ڪي گهوري رهيون هيون. هن نٽي ڇاهيو تہ پنهنجي ٻچڙي جا ڪن ٻُنا ڪري. پر غربت جا واسينگ ڪيس وڪوڙي ويا هئا. ڇامان سندس من جي مراد سمجهي ويئي. هن چيو "ٻيلي! ٻيءَ تہ ڪابہ شئي اهڙي ڪانهي جا وڪڻي رشوت ڏيون. باقي ميرزادي جون واليون آهن سي قاسم ڪان منيون ڪينهي، پوءِ جي نوڪري ملي ويئي تہ رنگ لڳي ويندا."

ميرزادي ماءُ جي ڳالهہ ٻڌي يڪدم پنهنجي ڪنن تي ٻئي هٿ رکي ڇڏيا. هن واليون لڪائي ڇڏيون ۽ روئندي ماٽس ڪي چيو "امان آئون واليون ڪونہ ڏينديس."

ڇامان ڌيءَ ڪي ڀاڪر وجهي چمي ڏيئي سمجهائيندي چيو "ٻچڙي! ڀاٽهين ڪي نوڪري ملندي تہ هو توکي انهن ڪان بہ سٺيون واليون وٺي ڏيندو. ڇامان جڏهن ميرزادي جي ڪنن مان واليون لاهي رهي هئي، تڏهن هوءَ سڏڪا ڀري رهي هئي. اهڙي طرح هڪ ڀيرو وري هن جا ڪن ٻُسا ٿي ويا.

آچار اهي واليون سوناري وٽ اڌ موڙي ۾ وڪڻي آيو.باقي ڪتل پيسا قرض ڪڻي پورت ڪيائين. هن اهي پيسا قاسم ڪي ڏيندي چيو "پُٽ پيسا سنڀالج، شهر ۾ لليجا پيا گهمن. متان اهي ڪڍي وڃن."

قاسم ٻئي ڏينهن سويري پيسا ڪڻي آٽي انهي ڪلارڪ ڪي ڏنا. همراهہ جڏهن پيسا ڏنا تڏهن سندس واڇون ٽڙي پيون، ڳِگ ڳڙي پيس. هن جو ڇڪو ڪامياب ٿيو هو. هن پيسا وٺي ڪيس چيو. "ٻن ڏينهن ڪانپوءِ اچي پنهنجي نوڪري جو آرڊر وٺج." قاسم اها ڳالهہ ٻڌي ٽڙي پيو. هن ڳوٺ ڪي جهڙي ورتو ۽ گهر اچي اها ڳالهہ ڪئي. آچار ۽ ڇامان حقيقت ٻڌي سرها ٿيا.

ٻہ ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ قاسم وري آفيس ويو. ان همراهہ ڪيس گشو هٽي موٽائي ڇڏيو. انهي ڪانپوءِ قاسم هر روز آفيس ۾ ويندو هو. ڪيس اهو ۽ ٻيا همراهہ ڪونہ ڪو بهانو ڪري ٽاري ڇڏيندا هئا. اڄ نہ سڀان ڪندي ڪيس هڪڙي ڏينهن انهيءَ همراهہ چيو "ڇوڪرا جايون خالي ڪونهي. اسان تون جهڙن ٻين ڪي نوڪري تان زوري لاهي آرڊر تہ ڪونہ ڏينداسين. جڏهن بہ ڪا جاءِ خالي ٿيندي تہ توکي گهرائينداسين. في الحال تون رُل نہ، وڃي پنهنجي ڏنڌي ڌاڙي سان لڳ."

قاسم اها ڳالهہ ٻڌي باهہ ٿي ويو. سندس هينيون هيٺ ۽ مٿيون مٿي رهجي ويون. هي ڪلارڪ سان منهن پئجي ويو. هن ڪيس چيو "اي ظالم! جيڪڏهن نوڪري نہ ڏيڻي هئي تہ مونکي لليءَ نہ لاهين ها، ۽ نہ ئي منهنجيءَ ننڍڙي ڀيڻ جون واليون وڪڻائين ها. تون وڏو ظالم آهين. تنهنجي دل ۾ همدردي جي بدران نانگ ۽ ڀتون وينل آهن. وقت ايندي اوهان بدمعاشن ڪان ضرور وير وٺنداسين."

هن آفيس کي مٿي تي کڻي ڪنيو.

ڪلارڪ کي جڻ چيلاٽا ڇُھڻي ويا. هن پٽيوالن کي سڏي چيو. ”هن چوري کي ٻاهر ڪڍو.“ پٽيوالا قاسم کي ٻانهن کان جهلي ٻاهر ڪڍي آيا. هوڳرن قدمن سان واپس وريو. موٽندي هن کي ميرزادي ياد پئي. جيڪا کيس روز چوندي هئي، ”ادا! مونکي واليون وٺي ڏج. ادا، جڏهن شهر مان اچين، تڏهن منهنجي لاءِ چوڙيون ۽ بُوندي وٺي اچج.“ هوءَ روز سندس گس جهليو بيٺي هوندي هئي. قاسم جڏهن گهر ايندو هو ته پوءِ وچي ساڻس ملندي هئي، ۽ گڏجي گهر ايندي هئي.

انهي ڏينهن قاسم کي ماڻس ماني پچائي پوتاري ۾ ٻڌي ڏني هئي ته جيئن کيس بُک لڳي ته ٽُڪر پيٽ ۾ وجهي نڙي سائي ڪري. هن کي اها ماني وهه ٿي آئي. ٻڌل ماني ڪلهي تي رکي بازار ڏانهن لاڙو ڪيائين. اتان پيڻ لاءِ چوڙيون ۽ بُوندي وٺي پوتاري ۾ ٻڌي واپس وريو. ميرزادي جون ليلڙاٽيون، آفيسرن جون حراماپايون ياد پييس ته سندس سينو ڏکي پيو. هن جي نس نس ۾ انهن حراماپاين خلاف زهراوتجي ويو. ذهن ۾ ڪيترا اڌما اٿي پييس. هو انهن پورن ۾ جيئن ئي رستو ٽي ٽپيو ته هڪ تيز رفتار ڪار کيس ڌڪ هڻي مٿان چڙهي رواني ٿي ويئي. پوتاري واري ماني، بُوندي ۽ چوڙيون اٿلي وچي پريان ڪريون. هو سجورت مان ٻڌي ويو. هن جي رڙڪار جي آواز ۾ گم ٿي وئي. هن ڦٿڪي ڦٿڪي جان ڏني. سندس لاش پوليس اسپتال کڻائي وئي، جيڪو ڪيترا ڏينهن اسپتال جي مرده خاني ۾ پيو هو. پوليس پڙها ڏياريا ته جيئن سندس ڪي وارث جاڳن.

هوڏانهن آچار کي قاسم جو فڪر لڳو. کيس ڪيترا ڏينهن لڳي ويا هئا. هن ڪنهن مهل سمجهيو ٿي ته کيس نوڪري جو آرڊر مليو آهي. هو ڪجهه ڏينهن ڊيوٽي ڏيئي پوءِ ڳوٺ ايندو. ڪڏهن ٻيا ڊپ ۽ ڪُتڪا ورائي ويندا هئس. هن کي جڏهن قاسم جي موت جي خبر پئي، تڏهن منهن پر وچي ڪريو. سندس دنيا لٽجي چڪي هئي. هن کي ٽيڪ جي ضرورت هئي، قاسم سندس لٺ هو. هو ان جي سهاري زندگي جو جنڊ ڇڪي ها. هن جي پنڻ جو پيالو پڄي پور پور ٿي پيو. هو چرين وانگر رڙيون ڪندو شهر واري اسپتال ڏانهن ڀڄو.

قاسم جو مڙهه سجاٽپ کان ٻاهر هو. سندس جسم ۾ ڪينئان پئجي ويا هئا. آچار سندس ڪپڙا سجاٽي وچي مٿانئس ڪريو. ماڻهن کيس ڇڪي پري ڪيو. ڳوناٽن سمجهايس ته لاش ۾ ڊپ گهٽي ٿي ويئي آهي تنهنڪري ڳوٺ ڪونه ٽا ڪٽي هلون. هتي شهر ۾ ئي ٽا دفن ڪريونس. آچار ڳوناٽن جي چوڻ تي پنهنجيءَ ننيڙي دنيا، روح جي راحت ۽ اکين جي ٺار کي پنهنجي هٿن سان اُتي دفن ڪري موٽيو. چامان پنهنجي جگر جي ٽُڪر جو اهڙي طرح منهن ڏسي نه سگهي.

ميرزادي پنهنجي ماڻٽن کان روز ياءُ جو پڇندي هئي. هو کيس چوندا هئا، ”امان! قاسم نوڪري پيو ڪري. هو جڏهن ڳوٺ ايندو تڏهن تو لاءِ چوڙيون، بُوندي ۽ واليون وٺي ايندو.“ هوءَ روزانو پنهنجي ياءُ جو گس نهاريندي هئي، ۽ شهر مان ايندڙ هر ماڻهوءَ کي پنهنجو ياءُ سمجهي ڏانهنس ڊوڙندي هئي. پر جڏهن اهو ماڻهوءَ سندس ويجهو ايندو هو ته روڻهارڪي ٿي آسرو لاهي گهر موٽندي

هئي. هوءَ هر روز ڪانوَن کي اڏاري چوندي هئي، ”اڏر ڙي ڪانگڙا اڏر، منهنجي مٺي ياءُ جي خبر آڻ تہ توکي مٺي لولي كارايان.“

اتفاق سان ڪو ڪانگ اتان ٽپڪي ڏيئي بئي هنڌ وينو تہ پوءِ هن لاءِ عيد ٿي ويندي هئي. هوءَ ڦيريون پائي ڳوٺ وارن کي چوندي هئي، ”اج منهنجو ياءُ ايندو. اج اسان جي گهر ڪانگ ڳارا پئي ڏنا. هو منهنجي لاءِ واليون ۽ بُوندي بہ وٺي ايندو.“

هڪ ڏينهن ميرزادي پنهنجي ياءُ جي اوسيئڙي ۾ گهر جي گهٽيءَ تي بيٺي هئي. نما شام مهل هئي. ماڻهو شهر مان ڪم ڪار لاهي ڳوٺ ڏي وريا هئا. پکي پنهنجن آهيرن ڏي اڏريا هئا، ۽ ڏراڙ مال چاري موٽيا هئا. هن ڪمون ڪمدار کان پڇيو، ”ڪاڪا ڪمدار! منهنجو ياءُ آيو ٿي يا نہ؟“

ڪمون چيو، ”چوري! تنهنجي ياءُ مئي ٿيا ڪيترا ڏينهن . تو آهين سو اجا پئي سندس پنڌ پچائين ۽ راهون نهارين. ڇا توکي خبر ڪونهي تہ تنهنجي ياءُ کي شهر ۾ موٽر چيپي ماري ڇڏيو؟“

ميرزادي اها ڳالهہ ٻڌي سراپجي ويئي. هوءَ ريهہ ڪري وڃي پٽ تي ڪري، ڪمدار وڏي اچي اٿاريس. هن کيس سڏ ڪيا، چوريو ڦوريو پر هن جا هٿ پير ٺري ويا. سندس اکيون اجا بہ قاسم لاءِ کليون پيون هيون. پوڙهي طاهر ميرزادي جي ٽپاس ڪري چيو ”شئي وڃي ڏٽين کي پهتي.“

آچار ۽ چامان اجا جيئرا آهن. آچار اولاد جي وڇوڙي ۾ نير واهي واهي انڌو ٿي ويو آهي ۽ چامان چريءَ ٿي پئي آهي. سندن گهر مان روز روئڻ جو آواز ايندو آهي.

[ 6-8- 1982 ]

# فقيرياڻي

آئون شهر ۾ عثمان تپيدار وٽ سندس جاءِ تي وينو هئس. تيسين علو چريو آيو. هن تپيدار کي منٿ ڪندي چيو "ميان! مونکي هڪڙا ڏهه روپيا ڏي."

"ڇا ٿو ڪرين؟"

"ڪم ۾ ٿا اچن."

تپيدار پيسن ڏيڻ ۾ ٿوري دير ڪئي ته علو پيرن تي ڪري پيس. ڪيس چيائين، "بابا ڪريان، اڙي ڇڏاءِ يار اڄ جي ٽيڪ نه ڪيءِ ته سمجهه مون لاءِ ڳالهه هٿان ويندي هلي. پوءِ يا نصيب."

"اهو يا نصيب ڇا آهي ۽ ڪهڙي ڳالهه هٿان ويندي هلي؟"

"ڇڱو بابا! ان ڳالهه کي ڇڏ. تون پنهنجو وڙ ڪر. مونکي بي مانو نه ڪر."

تنهن تي تپيدار پيسا ڏيئي ڪُر ڪندي چيو "پيٽيان، تون به صفا ڪو ڇچڙي آهين."

علو کي سڀ ماڻهو چريو سمجهندا آهن. هو اڳ ۾ روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ هو. عثمان تپيدار سان پراڻي ياري اٿس. هاڻ هو چريو ٿيو رلندو وتندو آهي. سڄو ڏينهن پيو پنهنجي منهن ڳالهائيندو ۽ پني پيٽ پاريندو آهي.

اڄا ٿوري ڏيس مس گذري ته گُلو ڪوتار اچي ٻڌايو "علو هڪڙي مائي کي باٿ روم ۾ وٺي ويو آهي." اهو ٻڌي اسان کان ڇرڪ نڪري ويو. اعتبار ئي نه پئي آيو ته علو به ائين ڪري سگهي ٿو.

"علو ته چريو گُهچ آهي." تپيدار عجب ۾ پئجي چيو

اها ڳالهه ٻڌي ڪوتار چيو "ميان هو وڏو آهي حرامي. اهو چريائپ جو ته رڳو کر ميٽ ڪريو گهمي."

پوءِ اسان کي به ٽي آيو پوڳ، سوجڳهه مان نڪري باٿ روم جي دَر وٽ اچي بيناسين. هنن به اسان کي ٻاهر بيهندي ڏٺو. گهڻي دير گذرڻ ڪانپوءِ به هو ٻاهر ڪونه نڪتا ۽ اسان به وڃڻ جي نه پئي ڪئي. جڏهن ڪين پڪ ٿي ته اسان سندن جند ڪونه ڇڏينداسين ته دروازو کوليائون. مائي پنهنجو منهن گندي سان ڍڪي تکي پڇڻ لڳي. گُلو لوهه ڪري وٺس پهتو ۽ ڇِڪ ڏيئي مٿي تان پوتي لاهي ورتائينس. سندس منهن ڏسڻ سان مونتي ڇڻ وڃ ڪري پئي. هيءَ اها ئي فقير ياڻي هئي جنهن مونکي پُٽ ڪري سڏيو هو. آئون به ڪيس ماءُ وانگر سمجهندو هئس. هوءَ جڏهن به اسانجي گهر پنڻ ايندي هئي ته گهر جي ڀاتين سان ويهي دنيا جا ڏک سور اوريندي هئي. جنهن ڏينهن آئون گهر ڪونه هوندو هئس ته امان کان منهنجي پڇا ڪندي هئي.

مونکي هتي ڏسڻ سان هوءَ وڌيڪ لڄاري ٿيڻ لڳي. گلو کيس ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ ٻوڳ خاطر ٻاٿ رومر ڏانهن گهلڻ لڳو. فقيرياڻي رڙيون ڪري ۽ ڦٿڙاٽي پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. جڏهن ڪوتار سمجهيو هوءَ کيس ايئن سنوت ڪانه ڏيندي، تہ هن کيس پاڻي مان ڪيڻ لاءِ اچا وڌيڪ چيو ”مونسان هل، نہ تہ پوليس جي حوالي ٿو ڪرياني.“

هوءَ اهو ڏڙڪو ٻڌي ڏڄي ويئي. ليلائيندي مونکي چيائين، ”پُٽ! مونکي هن پاپي کان بچاءِ.“

سندس انهي التجا تي مونکي هيڪاري ڄَر لڳي ويئي.

ڪاوڙمان چيم، ”پليت! مونکي پُٽ نہ چئو. تون پُٽ چئي مونکي گار ڏني آهي.“

منهنجي ڳالهہ ٻڌي هوءَ هيسجي ويئي. روئندي چيائين، ”هتي جيئڻ خاطر ڇا ڇا نٿو ڪرڻو پوي، مسڪيني خود تہ وڏو پاپ آهي.“

”مسڪيني ۽ مجبوري کي بدنام نہ ڪر.“ مون رهڙ پٽيندي چيس.

هن ٻيو ڪو چاڙهو نہ ڏسي، آڱر سان اشارو ڪري چيو”آئون منهنجو بيمار پُٽ هن جاءِ جي پاسي ۾ ڇڏي آئي آهيان. توکي قسم آهي خدا جو منهنجي پُٽ کي هلي ڏس. پوءِ جيڪا سزا وڻنا اها ڏجا.“

زور پرڻ تي آئون ساڻس گڏجي اوڏانهن ويس، جتي سندس پُٽ پيل هو. اتي وڃي ڏٺم هڪڙو ڪارڙو اپرڙو ٻار جيڪو سڄو اگهاڙو هو غشي جي حالت ۾ پَٽ تي پيو هو ۽ سندس هانيارو پئي لڳو. مون هُن کي هٿ لاهي ڏٺو جڻ ٻاٻرن ٽانڊن تي هٿ لڳي ويم. منهنجي ٽڏي هٿ لڳڻ سان ٻار اکيون کوليون. سندس نماڻين اکين مونتان نظر هٽائي ماءُ کي ڳوليو.

ٻار جي ههڙي حالت ڏسي مون چيو ”هن کي تہ ڏاڍو تپ آهي.“

پاڻ چيائين. ”تن ڏينهن کان پڪي ٻُڙهي ۾ پيو آهي. هاڻ تہ ڳالهائڻ بہ بيهي ويو آهيس. سائين غريبن وٽ پيسو ڪٿي ٿئي جو پيٽ پاليون، علاج تہ اڃان پري ٿيو. تنهنڪري اهو زهر جوڳُڪ پيتو اٿم، نہ تہ سيل ۽ ست وڪڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.“

سندس ڳالهہ ٻڌي مونکي وٽ پوڻ لڳا. ڏاڍو ارمان ٿيم تہ ناحق هن کي گهٽ وڌ ڳالهايم. مون سندس پيرن تي هٿ رکي چيو ”امان مونکي معاف ڪر. مون توکي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي.“

”منهنجي لاءِ اها ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي. آئون فقيرياڻي آهيان. دَر دَر جا ٽُڪر پني ڪاڏا اٿم، ڪيترن ماڻهن کي ڏنو اٿم، هر هنڌ مونکي ڏنپ مليا آهن. جنهگن ۽ شهرن مونکي لُٽيو آهي. هاڻ اهي حرڪتون سهسائي ويئي آهيان.“

جيڏي مهل هوءَ ڳالهائي رهي هئي، تنهن مهل سندس مُنهن تا لُڙڪن جو مينهن وسي رهيو هو. پوءِ هن پنهنجي پُٽ کي زمين تان کنيو ۽ چمي ڏيئي تڪڙا قدم پري رواني ٿي ويئي.

ø

# رملي

ان ڏينهن سخت سيءُ هو. رملي جو اڌ مٿو ڪوڙيل اڌ ڪتريل، ڏٻي جي گُهٻيل سليٽ هٿ ۾، سٽڻ جا ٻئي پانچا ڦاٽل، مٿوءِ پير اگهاڙا. سيءُ ۾ ڄاڙي پئي ڏڪيس.

ڪتاب جو هيءُ نظم پڪو ڪندي آيو:

غريبن جي خدمت ڪرڻ آ عبادت

جڏهن مون ڪيس ڏٺو ته پڇيو مانس، ”اي رمضان! ڪيڏاهن پيو وڃين؟“

هو منهنجي واتان پنهنجو نالو ٻڌي ٽڙي پيو. سندس نالو رمضان هو. مائٽن ڪانسواءِ ٻيا سڀ ماڻهو ٽوڪ مان رملي سڏيندا هئس. مونکي چيائين، ”ڪاڪا! پڙهڻ پيو وڃان. پڙهي پوءِ ڊاڪٽر ٿيندس. ڳچي ۾ نليءَ (اسٽيٿواسڪوپ) وجهندس ۽ اکين تي عينڪ چاڙهيندس. ها سچي مٿي ۾ ٽوپلو به وجهندس. جڏهن ڪار تي چڙهي ڳوٺ ايندس ته پوءِ ڳوٺ جا ماڻهو چوندا، اڙي هي الائجي ڪير وڏو ڀائي آيو آهي. پوءِ ڳچي مان نلي، اکين تان عينڪ ۽ مٿي تان ٽوپلو لاهيندس ته ڳوٺ جا اهي ساڳيا ماڻهو چوندا، اڙي هي ته اسانجو پنهنجو ڊاڪٽر رمضان آهي. ڪاڪا! آئون بيمار ماڻهن کي سُيون به هڻندس پر ڏڪائيندس صفا ڪونه. نڪي وري پاڻ جهڙن غريب ماڻهن کان ڏوڪڙ وٺندس. امان ۽ بابا کي پلي ماڙي وجهرائي ڏيندس. اها وڏيري جعفر جي ماڙي کان به وڏي هوندي.“

”پلا هي مٿو ڪيئن ڪوڙايو اٿئي. نه سمجهه ڪوڙيل نه سمجهه ڪتريل؟“

لڄارو ٿيندي چيائين، ”ڪاڪا! پيٽسان ٽولرن ڪائي ڇڏيو هئم. اسين تيل ته سنپرون ئي ڪونه. مٿو سور کان ٿي ڦاٽو. بابا وٽ ڪو پراڻو سراڻو پاڪي رکيل هو انهي سان ڪوڙيو اٿس. پاڪي وهيو نٿي مٿو ڪوڙائڻ ڪونه ڏنم. هي جيڪي ڪتريل وار ڏسين ٿو نه. سي به امان ڪئنچي سان ڪتريا آهن.“

”تنهنجي هن ڪوڙيل مٿي تان ٻيا ٻار کلندا هوندا؟“

ها ڪاڪا! ٻار ته کلندا آهن، پر وڏيري جعفر جو پُٽ اسلم چٽر ڪري چوندو آهي، رملي تنهنجو مٿو گڏهِ چري ويئي آهي ڇا.“

سندس اٻالڙي حالت ڏسي چيم، ”چريا! هيڏو سيءُ پيو پوي، ڏندڙڪي پئي لڳني، ڪو پوتارو ويڙهي ۽ جُتو وجهي پڙهڻ ويندو ڪر. نه ته سيءُ ۾ بيمار ٿي پوندين.“

”ڪاڪا! پيسا آهن ئي ڪين، ڪٿان جُتو ۽ پوتارو وٺان. پيسا هجن ته ادا بصر جو علاج ڪونه

ڪرايون.“

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ رملي ڪي ساڳوٺي هنڌ تي ڏٺم پٽس گهليندو پئي ويس. هن جون رڙين مٿان رڙيون هيون. چئي رهيو هو ”آئون پڙهندس، آئون پڙهندس.“ هُن جي اکين مان ڳوڙها پئي وهيا. پٽس پرچائي چئي رهيو هو ”پُٽ چڏ ضد ڪي. مون پيءُ جو چيو مڃ، وڃي مال چار.“

پٽس کان پڇيم، ”رملي ڇو ٿو روئي؟“

”هي چئي ٿو تہ آئون پڙهان.“

”ويچاري کي شوق آهي تہ پوءِ ڪيس ڇڏ تہ پيلي پڙهي.“

هن ڏک مان چيو ”ادا! آئون ڇا ڪريان؟ هن کان اڳ منهنجو وڏو پُٽ وڏيري جعفر جو مال چاريندو هو. سياري ۾ بہ ويچاري جا مٿوءِ پيير اگهاڙا هوندا هئا. ڪيس سردي لڳي، ڏوڪڙ ڪونہ هئم جو ٻچڙي جي دوا ڪرايان. نيٺ ڪنجهندو ڪنجهندو مري ويو. هاڻ وري بہ هو چوي ٿو تہ رملي کي ڇڏ منهنجو مال چاري. هن پسونءَ جي چمار بہ ڏس جو مال چاري سگهندو. بس ڙي يار! دل جو سور دل ۾ اٿم.“

پوءِ پٽس رملي کي ڇار مان بانئو پيچي ڏنو ۽ هو روئندو مال چارڻ لاءِ روانو ٿيو.

# ماڻهوءَ ماني

ان رات ايڏو سيءُ پيو هو جو وٽن جا پَن ۽ گهٽا چيتي فصل سڙي ڦلهيار ٿي ويا هئا. سج مٿي چڙهي آيو هو ته به ماڻهو هنڌ مان ڪونه ٿي نڪتا. مال پٽارو به هڪڙي رات ۾ لهي صفا ڍونگهو ٿي ويو هو. چوندا آهن سيارو ڪوڙهيو آهي، اٿلندي دير ئي نه ڪندو آهي. سو ان سال به سياري اهڙو اُٿلو ڪاڏو نه ڪري اڳوٽيون سيئي ڪسرون هڪڙي رات ۾ ڪڍي ڇڏيون هئائين.

ايڏي ٿار هوندي به هو ٻئي پيءُ_ ڏي ءَ سج اُڀرئي سان ئي پنهنجي ڪرت ڪي لڳي ويا هئا. هو ٽڙڪيا پئي، پير اگهاڙا هئن ۽ ٻُت تي اوڇڻ ويڙهيل به ڪونه هئن. ههڙي مصيبت ۾ ڪنهن ڪي ڪُتي ڪنيو هو جو ڇگي پلي ٻُت ڪي اَڪ جو ڪير مکي، پر مجبوري ۾ ماڻهوءَ ڇا نٿو ڪري. هنن جي گذر جو وسيلو ئي ته اها پِن هئي. جي ان مان ٽا هٿ ڪڍن ته ٻُک ٽا مرن.

هو پندي پندي هڪڙي هوٽل تي آيا. صدوري ڏٻي مان اوباريل ماني جا ٽُڪر ڪڍيا، جن تي ٻوڙجو رس به لڳل هو. پوءِ هو وڏا گرنهه وجهي تڪڙي تڪڙي اهي ٽُڪر ڳورڻ لڳا.

سندن ڪائڻ جي انداز مان ايئن لڳي رهيو هو ڄڻ ورهين جا بکايل هجن. هنن ماني ڪائي بس ڪئي. ساوڻ ڏيءَ کي چيو "ماڻهي جن لاءِ به ڪڻ." صدوري وري به ماني جا ٽُڪر ڪٽي آٽي پٽس ڪي ڏنا، جيڪي هن جهول ۾ ٻڌي ڇڏيا.

هونئن ته ساوڻ اهڙو ڪريل به ڪونه هو جو پني پيٽ پاري.پر بيوس اُنن بار ڇڏيا. هو انڌو ٻاڙُو ٿي ويهي رهيو هو. جڏهن ٻُت ۾ سَت هئس ۽ اکين جي نُور بيوفائي ڪونه ڪئي هئي، ته حرام ڪو ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگيائين. شهر ۾ مزوري ڪري پيٽ پاريندو هو.

هو جواني ۾ ڪنڌار مڙس هو. سندس ڊگهو قد، ويڪري ڇاتي، مضبوط ڏورا ۽ متارو بدن ڏسي ايئن لڳندو هو ڄڻ ڪيس پٿر مان تراشي ٺاهيو ويو هجي. پر هاڻ اهو ساڳيو نه رهيو آهي. ڪيس ڏسڻ سان ماڻهوءَ ڪان رڙ نڪريو وڃي. پر ٻت جيڏو مڙس ڳري ڦانگها ٿي ويو آهي.

ڀاڻ جواني ۾ ڀاڻي جي ڪنواٽي ڪٽي جڏهن پڄندو هو ته ايئن لڳندو هو ڪر جيپ هجي. ويندڙ ماڻهو به ڏسڻ بيهي رهندا هئس. ان ڪري سڏبو ئي ساوڻ موٽر هو. اشراف وري اهڙو جو ڪنهن نياڻي سياڻي ڪي امان ۽ اديءَ ڪانسواءِ ڪڏهن نه سڏيائين ۽ نه ئي ڪنهنڪي ميري اک سان ڏٺائين. رات جو ڪهاڙي ڪلهي تي رکي شهر ۾ چئوڪي ڏيندو هو. ماڻهو سمهندا هئا، هي جاڳي انهن جي مال ۽ جان جي حفاظت ڪندو هو. هن ڪيترا ڀيرا غنڊن ۽ لوفرن جي هٿان مارون ڪاڌيون، رت ۾ ڳاڙهو لال ٿيو پر پنهنجي فرض ڪان تِر جيترو به پوئتي نه هٽيو. جڏهن به ڪنهن بدمعاش ڪي بُرائي ڪندي ڏٺائين ته اصل ٻيڙهه ٿي ويندو هئس.

ساوڻ جڏهن ڪان نابين ٿيو آهي، تڏهن ڪان سندس جواڻ ڏيءَ صدوري بازار ۾ وٺي ايندي اٿس ۽

ٻانهن ۾ جهلي پنائيندي اٿس. اهڙي طرح هو پنهنجيءَ زندگي جو جنڊ پيهندا آهن.

جڏهن کان صدوري سامائي آهي، تڏهن کان وٺي ماڻهو ڪيس تاڙيندا رهيا آهن. هو من ۾ مدي رکي بيهوديون حرڪتون ڪري پيسا ڏيندا اٿس. ماڻهن جي خراب رَوين تي ڪيس ڏاڍي ڪاوڙ لڳندي آهي. دل ۾ ايندو اٿس تہ انهن جو ساهہ ڪڍي ڇڏي. پر مجبوري ۽ مفلسي جا نيرَ ڳچي ۾ ويڙهجي ٻڙڪ بہ ٻاهر ڪڍڻ ڪونہ ڏيندا آهن. هو دل جو سور دل ۾ رکي چپ ڪري ڇڏيندي آهي. ان ڏينهن بہ لوفرن ڏاڍو تنگ ڪيو هئس.

ساوڻ پني بس ڪئي تہ دستور موجب هن الله جا شُڪر مڃيا ۽ ماڻهن کي دعائون ڪيون. ڏيءَ کي چيائين، ”صدوري! ماڻهو اسانکي ڏاڍو تا پائنٿ. جڏهن انڌو ٿيو هئس تہ سمجهيو هئم هاڻ بُکن مري ويندا سين. پر هُنن اسانکي مرڻ کان بچائي ورتو. شال سدائين سکيا هجن.“

پيءُ جي ڳالهہ ٻڌي صدوري جو گلو ڀرجي آيو. ڪاوڙ ۽ غيرت ڪاريهر بنجي ڪائڻ لڳس. هن گهڻي ضبط ڪرڻ جي باوجود بہ چئي ڏنو ”بابا! تون ڀُليل آهين. تنهنجيءَ سمجهہ ۾ آئون اڃا بہ ننڍڙي ٻي سمجهہ ٻارڙي آهيان. پر ائين نہ آهي. هاڻ آئون وڏي ٿي ويئي آهيان. ماڻهو پاڻ تي رحم کائي خيرات ڪونہ ٿا ڏين. پر مون ۾ بُري لالچ رکي ڏيندا آهن. اڄ بہ ماڻهن ڏاڍو تنگ ڪيو اٿم.“

اها ڳالهہ ٻڌي ساوڻ چڪرائجي ويو. ڪيس لڳو تہ ڄڻ ڪنهن ڪهاڙي وهائي ڪڍي هجي. هن ڪاوڙمان سڀ پيسا اڇلائي ڇڏيا. ۽ ڏيءَ کي واپس گهر هلڻ لاءِ گهلڻ لڳو.

# پائوڊر

منهنجو ننڍڙو ڀاءُ سليم ۽ ننڍڙي سئوٽ بابلي ڀِٽ جي ڪر ۾ ويهي منهن کي مٽيءَ مکي رهيا هئا. جڏهن امان انهن کي ائين ڪندي ڏٺو تہ چيائين, ”اڙي اوهان هي ڇا پيا ڪريو؟“

”امان اسان پئونڊر پيا مکيون.“ سليم يڪدم جواب ڏنو.

”پٽڙا! مٽيءَ ٿوروئي پئونڊر آهي. نہ مکيو گهچلا, مٽيءَ تہ منهن کي خراب ڪندي.“ امان سمجهائيندي چيو.

مونکي ٻارن جي ان عمل تي پڇريائين ڪل آئي, پر پوءِ روئڻ آيو. ڪل انهي ڪري آئي جو اهي مٽيءَ کي پائوڊر ڪريو وينا هئا, روئڻ هن ڪري آيو جو ٻارڙا پائوڊر لاءِ سڪيل هئا. هنن ڪڏهن بہ پائوڊر نہ مکيو هو پر سُکين ماڻهن جي ٻارن کي پائوڊر مکيندي ڏسندا هئا. هنن مٽيءَ مکي خوش ٿيڻ تي گهريو. امان جي ڳالهہ ٻڌي هو سڄا لهي ويا.

مونکان ٻارن جو ڏُک سَنو نہ ٿي سگهيو. مون کين خوش ٿيندي ڏسڻ ٿي گهريو. سو مون بہ پنهنجي منهن تي مٽيءَ مکڻ شروع ڪئي. منهنجو منهن مٽيءَ مان سڄو ڀيوت ٿي ويو. هن سنڌ جي مٽيءَ مان مونکي ڪٿوري جهڙي خوشبوءَ تي آئي.

ننڍڙا ٻار هاڻ سچ پچ مٽيءَ کي پائوڊر سمجهڻ لڳا. شايد انهن کي بہ هِن مٽيءَ مان ڪٿوري جهڙي خوشبو آئي هوندي. هو خوشي مان ڊوڙ پائي ڳوٺ جي وڏيري جي ٻارن کي پنهنجا مٽيءَ ڀريل منهن ڏيکارڻ انهن جي گهر ويا. سليم وڏيري دريا خان جي پُٽ آفتاب کي چيو, ”اي آفتاب! ڏس, اسان بہ پئونڊر مکيو آهي.“

آفتاب جي ماءُ ٻارن جي منهن ۾ ڏسي ڀوٽ اٽلائي چيو, ”ڇورا, پئونڊر مکيندي بہ مهانڊا ٽا ڪپن.“

ꕤ

# سون بائي

تڏهن هوءَ رڳو ڏهن سالن جي ٻارڙي هئي، جڏهن سندس منڍي وطن ڪڇ ۾ ڏڪار آيو هو. هڪڙو ڏڪار ٻيءَ وري پليگ جي بيماري ان آفت وڏي تباهي مچائي هئي. ماڻهو ماڪوڙن وانگر مري رهيا هئا. سندس امڙ ۽ ابو بہ انهي وگهي رب کي پيارا ٿي ويا. ڪجهين کي پنهنجو وطن وَهہ ٿي آيو. هو سلامتي واريون جايون ڳولڻ لڳا. ڳوليندي ڳوليندي سندن نظرون سنڌ ڏانهن کڄي ويون. پوءِ تہ بس سندن شرا سنڌ ڏانهن اٿلي پيا. سنڌ امن جو ديس. بکين، ڏکين ۽ بيواهن جي پناهہ گاهہ.

سون بائي ڳوناٽن سان گڏجي سنڌ ڏانهن ڀڳي هئي. گس ۾ ڪيڏي نہ وڏي تڪليف ڏٺي هئائين. اجون بکون ۽ اوجاڳا جهليا هئائين. لوڏياڻي زمين تي هلي هلي سندس پير رڌجي گجر ٿي پيا هئا. پوءِ بہ هوءَ اڳتي وڌندي پئي ويئي. سنڌ سندس آسن ۽ اميدن جو مرڪز هئي. نيٺ هوءَ سڀ ڪشالا ڪڍي اچي سنڌ پهتي. هتي پهچي ڪيس لڳو پنهنجيءَ وڇڙيل ماءُ کي اچي ملي هجي.

هُن جيئري رهڻ لاءِ ڏاڍا سور سٺا. ڪجهي هارپ تي ٻنيون ڪندا هئا تہ هوءَ انهن سان گڏجي ڪم ڪندي هئي. ڪم بہ ايڏا سخت جو هُن معصوم جي قد بُت ڪان مٿي. پاڻ وهرون ۽ لاپارا ڪندي هئي، فصلن مان گُڏ ڪيڏندي هئي. هو ڪانتي ڪٽندا هئا تہ هيءَ ڏلهي تي پنجوءَ ڍوئيندي هئي. ويچاري ڪم ڪندي ايڏو ٿڪجي پوندي هئي جو سندس هَڏ هَڏ سور تي ويندو هو. رات جو سور جي تڪليف جي ڪري سمهي نہ سگهندي هئي ۽ سڄي رات رڙيون ڪري گذاريندي هئي.

هوءَ سامائي بچُو سان شادي ڪرايائونس. پر ساعت گهٽ هئس، مڙس چڱي تان ڪونہ پئي. ڪجهين بہ سوچي سمجهي ٿورو ئي ماڻتي ڪئي. مڙيئي بار ٿيو لاهڻو سو اوڙاهہ ۾ اڇلائي ڇڏيائونس. پلا پرائي نياڻي جو ڪنهن کي سيڪ. هجي پيٽ جائي تہ آنڊن ۾ هٿ پون.

بچو جو خدا سڏ سٽي وڏو نہ تہ راڄ مان ڪنهن ڪونہ ٿي ڏنس. اڌ وهي ۾ اچي ٿيو هو تڏهن بہ وانڊو وينو هو. هجنس ڪي ارڪان چڱا تہ ٻئي جي بہ دل وري گهر کي پوندو هٽيو گهميو. جهيڙي تي گُڏ ايندو هو ۽ چوري ۾ مُنهن هوندو هئس. سندس شوق بہ اونڌا هئا. ڪُڪڙن ۽ ڪتن جا وَلر هئس، جن تي ساهہ ڇڏيندو هو. هٿ ۾ ڪاري ڳن سان اچي ڪهاڙي، جنهن مان آرسي وانگر منهن پيو ڏسبو هو. تنهن کي وڏيڪ اچي ۽ تکي ڪرڻ لاءِ مٿس پاڪيءَ جي رهڙ رهڙان پئي پوندي هئس. هوندو بہ ڪڏهن ٻاهر تہ ڪڏهن جيل ۾ هو. ماڻهو سڏيندا هئس بچو ٽيپر. سون بائي سان شادي ڪانپوءِ نسورو ناحق ڪري ڇڏيائين. ٿوري گهٽي ڳالهہ تان هٽيو رت مان ڳاڙهو ڪريو وينو هوندو هئس.

هوءَ ويچاري هڪڙو اڳي سور تي پئي هئي تہ ٻيو وري ڳوٺ جي ماين اچي تپائي ڪنئي. هر روز وڙهنديون هئس ۽ رت روئاڙي ڇڏينديون هئس. چونديو هيون، "سون بائي هندياڻي آهي." ڇو جو هو رت وهندڙ شيون ڪونہ ٿي کائي. پر هوءَ ان ڳالهہ جو انڪار ڪندي هئي. چوندي هئي، "ماءُ! آئون

مسلمين آهيان. باقي ساهواريون شيون انڪري ڪونہ ٿي ڪانءَ جو انهن تي قياس ٿو اچيم.“

ننيڙا ٻار بہ ڏاڍو تنگ ڪندا هئس. اهي ڪيس ڪڙا اڇلائي هٽندا هئا، مٿي تان گنديءَ لاهي پڇندا هئا. يا لڪي لڪي نوڙي ڪٽي پيرن ۾ اڇلائي چوندا هئا، ”ناني! نانگ ڙي نانگ. سون ٻائي رڙ ڪري وڏو ٻڏ ڏيئي پڇندي هئي، ۽ ٻار کل ۾ ٻڏا پيا هوندا هئا. هن جي گنديءَ جي پلانڌ ۾ سدائين شئي ٻڌل هوندي هئي. جڏهن ٻار تنگ ڪندا هئس هوءَ اها شئي انهن کي ڏيندي هئي. تڏهن وڃي جان ڇٽندي هئس سندس ڪڇي مائٽ پوءِ لڏي وڃي پرِ واري شهر ۾ وينا هوءَ جڏهن بہ اوڏانهن گهمڻ ويندي هئي تہ اهي ڪيس شيون تول ڏيندا هئا، پر پاڻ ڪو نہ کائيندي هئي ۽ اهي ٻارن لاءِ بچايو گهمندي هئي.

هوءَ ڏک سک سهي پوڙهي جهور ٿي ويئي هئي. ڪيس ڏيون ۽ پُٽ ڄايا، وڏي ڪيڙ واري ٿي. هاڻ ڪنهن سان شڪايت نہ هئس ۽ نہ ئي ٻيو ڪو ساٽس وڙهندو هو. پر پوءِ بہ هوءَ غمگين رهندي هئي، ڪو درد هو جو کائيندي ويس. اهو هو سندس اباڻي وطن جو درد. هن جي زبان تي هر وقت سندس محبوب وطن ”ڪڇ“ جو نالو هوندو هو. وطن جي يادگيري اچڻ سان اداس ٿي ويندي هئي ۽ اکين مان لُڙڪ وهي پوندا هئس.

پڇاڙي ۾ جڏهن ڪيس بيماري وڪوڙي ويئي هئي ۽ وڃڻ جون وايون پئي ڪيائين. اها مُند بہ ساوڻ جي هئي. ان ڏينهن مينهن وسڻ جا ويس ڪيا هئا، ڪڪرن آسمان ۾ ماڙيون ٺاهيون هيون پر جيسين وسي تيسين ماٺهن جا ساهہ تي نڪتا. واءُ جو جهوٽو ڪو نہ ٿي لڳو اوگهم ۾ ماٺهو پڇيو ٿي مئا. ڄڻ سج نيزي برابر لهي آيو هجي. اصل ٻاهہ جا ڀيڙ پئي ڇڏيائين. ماٺهن ٿي چيو ”ڪاري قيامت اچي ويئي.“ تيڏي مهل سون ٻائي آخري پساهہ کٽي رهي هئي. سندس کٽ جي چوڌاري عزيز قريب ڏڪارا ٿيو وينا هئا.

شام ويلو ٿيو هن چپن ۾ پٽڪيو ”مونکي گهر مان ٻاهر ڪڍو تہ وطن جو واءُ لڳيم.“ ڪيس ٻاهر ڪڍيو ويو. ٻاهر نڪرڻ کانپوءِ هن جون نظرون ڪاڇيلينءَ ڪُنڊ ۾ کپي ويون. هوءَ ڪا مدت اوڏانهن ڏسندي رهي تيسين آسمان ۾ گوڙجو ڏڏڪو ٿيو وڄ وراڪو ڏنو ڪڪرن سراڙو وڏو پورب جو ٿڌو جهوٽو مينهن کٽي آيو مال پٽارو ديهاڙو ڪري گهرن ڏانهن ڀڳو. پري کان ڪنهن دراڙ جو آواز آيو ”ڀيج مولا ڀيج“. ان مهل سون ٻائي جي جي ڏٻري منهن تي سرهائي اچي ويئي، هن چيو ” وطن وسي پيو. “ پوءِ اکين جا بند پڇي پيا هئس. اجا اهائي مهل هئي تہ بدن سيٺجي ويس، اکيون ۽ وات ڦاٽي پيس، وڏو ڪونگهرو هنيائين. جنهن سان سندس ساهہ جو پکي پرڙا هٽي اڏاميو ۽ خاموش گهر ۾ ماتم مچي ويو.

♋

# ڪونج

”هو تنهنجي ٻارڙي کي ماري ڇڏيندو. شيرل رڳو ننڍڙا ٻار ماريندو آهي.“ ڇريءَ جنهن جو نالو ڪونج هو تنهن سندن نوڪرياڻي مائي راستي جي ننڍڙي پُٽ ڏانهن اشارو ڪري چيو.

”آئي بيهودي تون نٿي مرين جو منهنجي ٻچڙي کي ٿي پٽينءَ. خدا بہ سچاٽي سڱ ڏنا آهني، جهڙي ٿوڪي آهين تهڙي ٿيو ويني آهين.“

”منهنجو مصري موٽي ايندو. هو بنديخاني ۾ باقي ڪي ڏيهاڙا آهي. جڏهن ڇٽي ايندو اسان وري بہ پيڇي ويندا سين. صفا پري، او اُتي جتي اڇا ڪانگ هوندا. تڏهن اسان وٽ اسان جو پُٽ بہ موٽي ايندو. پوءِ شيرل کي موڪل آهي تہ اسان کي اچي ڳولي.“

”ڇري ڪري آهين، پر يار لاءِ مرين ٿي.“

”ڏاڍي پورڙيءَ ٿي ڏسجين راستي! سڄڻ ۽ ساٿيهہ ڪنهنکي وسريو آهي. دنيا گهم، پر منهنجي مصري جهڙو ڳولئي نہ لڀي.“

اها ڳالهہ ٻڌي راستي جي ڪچي ڦٽ تان جڻ ڪڙي لهي پئي. هن ٽڏو شوڪارو پريو ۽ چيائين، ”تون تہ گهٽو پئي وات وجائين، پر مصري ڏکيو ٿو موٽي. هو جيل ۾ قابو آهي.“

”پيار وارن لاءِ اهي ڪوٽ ۽ ڪڙا ڪجهہ بہ نہ آهن. هو منهنجي خاطر بنديخاني مان پيڇي ايندو.“

”هاڻ هوا ڏ تي بہ ڪو نہ پڇندءِ. تون پيري کي ڳچيءَ ۾ وجهي پاڻ تان خلق تہ ڪونہ کلائيندو.“

”ائين نہ چئو مائي! هو اهڙو ڪُلال نہ آهي. هو مونکي ڪڏهن بہ ڪونہ وساريندو.“ ائين چئي هوءَ روئڻ لڳي.

ڪونج شيرل خان جي پيڻ آهي. ڪيس ان منزل تي پاڻس پهچايو آهي. هن مٿس بي حساب ظلم ڪيا آهن. سندس اميدن خوشين، سونهن ۽ جواني جو قتل ڪيو آهي. هن پنهنجي پيڻ جو ٻليدان ڏيئي ڪوڙين روايتن جو پرم رکڻ ٿي گهريو. هو پراڻن خيالن جو ماڻهوءَ هو. پنهنجي ذات کانسواءِ ٻي هنڌ سڱ ڪرڻ کي خراب سمجهندو هو ۽ سندس ذات وارا غريب هئا تنهنڪري اهي پسند ڪونہ آيا. ٻيو تہ ڪيس ڊپ هو تہ ڪونج جي شادي ڪرائڻ سان مائٽاڻي زمين مان حصو ان ڏانهن بہ ويندو. هن زمين وڃائيڻ نٿي گهري. اهڙي طرح ڪونج ڪنواري رهجي ويئي.

هوءَ سامائي تہ سندس اندر مان ڪيئي آسون ڪر ڪٽي اٿيون. سندس مست ۽ ڇريءَ جواني جيءُ ۾ ولوڙا وجهي ڇڏيس. هن خوابن ۾ ڪا سيج سجائي ۽ راڻو ماڻيو. پر سندس خواب ڪوڙا نڪتا. هو ريتن جي گهاٽي ۾ پيڙهبي رهي. هن جي گهر ۾ دل ئي ڪونہ لڳندي هئي، خوشي

موڪلائي ويئي هئس ۽ دردن اڇي دل ۾ ديرو ڪيو هو. هوءَ پاڻ کي قيدياڻي سمجهڻ لڳي. سندس هر پل عذابن ۾ گذرندو هو. جڏهن سهي سهي ٿڪي ته نيٺ همت ڪيائين. پنهنجي پياري پرينءَ مصري سان پڄي ويئي.

مصري سندس ننڍپڻ جو ساٿي هو. هو ويجها عزيز ڪٽي ڪونه هئا پر ذات وارا ضرور هئا. ٻئي هڪ ٻئي سان پيار ڪندا هئا. جڏهن ننڍڙا ٻار هئا ته سڄو ڏينهن پيا گڏجيو ڪڏندا هئا. ڪيڏو نه مزو ايندو هئن پنپوريون ۽ پوپٽ جهليندي، متيءَ جا گهر ٺاهيندي ۽ لِڪ لڪوٽي ڪڏندي. هنن جي اهڙي ته دل لڳي هئي جو ٿوري دير به هڪ ٻئي کي نه ڏسندا هئا ته سُک ڦٽي پوندو هئن. هو گهرن ۾ ويٺي ويٺي هڪ ٻئي کي سڏ ڪندا هئا. سندن گهر به ويجها هئا. وچان رڳو پڪ سري پٽ ڏنل هئي. وقت گذرندو ويو هو وڏا ٿيندا ويا. جڏهن جواني جي حدن کي پهتا ته سندن وچ ۾ وڇوڙو پئجي ويو. ڪونج پرهيز ۾ ويهي رهي. ان اوچتي وڇوڙي ٻنهي جو سُک ڦٽائي وڌو. هڪ ٻئي سان ملڻ جي سڪ ۾ بيچين ٿي پيا. هنن هڪ ٻئي کي وسارڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر وساري نه سگهيا. محبت سندن دلين ۾ ڪنڊي جيان چڀندي رهي.

جڏهن ڪونج جو ٻيو ڪو سهارو نه رهيو تڏهن ڪيس مصري ياد پيو. هن کي پڪ هئي ته مصري سندس درد جي دوا ٻنبو ۽ ڏک ڏور ڪندو. پوءِ هوءَ پاڻ سهٽي ٻڻي. حويلي جي وڏي ديوار ٽپي وڃي پنهنجي ميهار سان ملي. جڏهن پاڻ ۾ گڏيا ته جدائي جي غم ڪان سندن دليون ٿي ڦاٽيون. هو روئي پيا هڪ ٻئي مان ڍاڪر نه ڪين. هنن چاهيو وقت رڪجي وڃي ۽ هو هڪ ٻئي جي ڀاڪرن ۾ هجن. ڪونج چيس. ”مصري تو ڪانسواءِ منهنجي زندگي زهر بڻجي ويئي آهي. پنهنجو ڪر نه ته مري ويندِيس.“

”آئون به تو ڪانسواءِ اڌورو آهيان. تنهنجيءَ جدائي ڪانپوءِ پُرزا پُرزا ٿي ويو آهيان.“

”پوءِ ڇا ڪريون؟“

”پڄي هلون.“

”ڀلي.“

انجام اقرار ٿيا. ٻه راتيون ڇڏي ٽيءَ رات ڪيائون پير ڊگها.

ڪونج جي پڄي وڃڻ جي ڪري شيرل جي ڇڳمڙسي ۽ انا جي عمارت ڊهي پئي. سندن صدين جون سانديل روايتون ڏوڙ ٿي ويون. هو خوار ٿي ويو. ان ڪري ڪاوڙ ۾ ٻتال ٿي پيو. چتڪتائي ۾ هن راڄ اٿلائي وڌا. سڪرن تي بار ڪريا، جاسوسيون هليون، پوليس حرڪت ۾ اچي ويئي.

هنن کي وئي ڪجهه عرصو گذري چڪو هو. ان وچ ۾ ڪين هڪ چنڊ جهڙو پُٽ به ڄائو. جنهن ڏينهن پُٽ ڄاين ته سندن خوشي جي ڪا حد نه رهي. ڄڻ بادشاهي ملي ويئي هجين.

هوڏانهن شيرل جي پڇا هلندي رهي. نيٺ ڏيڍ سال ڪانپوءِ پوليس ڳولي وڃي هٿ ڪين. مصري

کي جيل اماڻيو ويو ۽ ڪونج وارثن حوالي ڪئي ويئي.

هوءَ جڏهن گهر پهتي ته متس گهڻو تشدد ڪيو ويو. ماري ماري ٽنگون ڀڃي ڇڏيائونس، ڏنپ ڏنائونس. خير اهي ته اجا به ٿيون ننڍڙيون ڳالهيون. جنهن ڳالهه سڀ کان وڏيڪ تڪليف پهچايس، اهو هو سندس ڇهن مهينن جي پياري پُٽ جو موت. سندس دل جي دنيا کي حرامي ٻار چئي ماريو ويو. جيڏي مهل سندس ٻار کي گهٽو ڏيئي ماريو پئي ويو، اوڏي مهل ڪونج مڇي جيان ڦٿڪي رهي هئي. هن باهه مان زمين تي متو ٿي هنيو ۽ رڙيون ڪري گسڪيو وڃي ٿي پُٽ جي مٿان ڪري. پر سندس هڪ به نه هلي. ٻارڙو مري پيو ته هن وڏي رڙ ڪئي ۽ بيهوش ٿي وئي. جڏهن کان هوش ۾ آئي ته دماغي توازن وڃائي ويٺي.

# چور

سياري جي ٿريل رات گهڻي گذري چڪي هئي، تڏهن بہ رجو پنهنجي بستري تي اپو ٿيو وينو هو. سندس پوڙهي ماءُ حيات خاتون پَٽ تي وڇايل پراڻي رليءَ تي ليٽي پئي هئي ۽ ذري ذري رڙ ٿي ڪيائين، ”گهوڙاڙي مري ويندي.“

جڏهن کان ماڻس بيمار ٿي هئي رجو ڳڻتي ۾ اچي ويو هو. ننڊ موڪلائي وئي هئس. ڏک ۾ صفا ڳري ويو هو. ان وقت سوچن جي سمنڊ ۾ لُڙهي ويو هو. سندس دل جي ڦرهي تي ڪيئي يادگيريون تري آيون هيون ۽ هو انهن ۾ گُم ٿي ويو هو. پهرين ڳالهہ ياد پيس پڻس جي، جيڪو ننڍي هوندي ڇورڙو ڪري ڇڏي ويو هئس. هو ڪيترو نہ رنو هو پيءُ جي ڪٽ کي چنبڙي پيو هو ۽ هٿ ئي ڪونہ ٿي ڪڍيائين. ماڻهن پرچايو هئس پر هن ماٺ ئي نٿي ڪئي، ڪيترا ڏينهن روئندو رهيو هو. ٻيءَ ڳالهہ ياد پيس، پڻس جي موت کانپوءِ گهر جو بار ماڻس جي ڪلهن تي اچي پيو هو. پيٽ جي باهہ اجهائڻ لاءِ هوءَ ڇا ڇا نہ ڪندي هئي. ٿي ميل پنڌ ڪري شهر ۾ ڪوٺيون ۾ ڪم وڪڻ ويندي هئي. پوءِ اتان اٽو ۽ سندس لاءِ شئي وٺي ايندي هئي، هو ڳوٺ کان پري گس جهلي سندس اوسيئڙو ڪندو هو. جڏهن ماڻس ويجهو پهچندي هئي تہ ڊوڙي وڃي چنبڙندو هئس. پوءِ ماڻس چميون ڏيئي ڪڇ تي کڻي ايندي هئس. ٽيءَ ڳالهہ ياد پيس رات جو جڏهن سمهندو هو تہ پنهنجو ننڍڙو پاڪر ماءُ جي ڪڇيءَ ۾ وجهي ڇڏيندو هو ماڻس ننڍڙي آواز سان سندس شادي جا گيت چوڻ شروع ڪندي هئي ۽ هو مٺن سُرن ۾ ڪوئجي ننڊ جي هنج ۾ هليو ويندو هو. چوٿين ڳالهہ ياد پيس تنهن هيڪاري ڏڪارو ڪري وڌس. هڪڙي رات هو لنگهڻ ستا هئا. صبح جو ماڻس ۽ پاڻ ڪوٺيون ڪم ڪڻي شهر ويا هئا، پر اهي بہ ڪونہ وڪيا هئا. پوءِ هنن ٻنهي ماءُ پٽن شهر ۾ پنيو هو. شام جو جڏهن ڳوٺ ڏي وريا هئا تہ سندس امڙ جي اکين ۾ لڙڪ هئا.

رجو گهڻي ڪوشش ڪئي هئي تہ ماءُ جو علاج ڪرائي، پر ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو. غريب هو. گهر ۾ لولي جو لوڻ بہ ڪونہ هئس تہ علاج ڪٿان ڪرائي.

”رجو هيڏاهن اچ ابا!“

ماءُ جو آواز ٻڌي هن جي سوچن جا سلسلا ٽُٽي پيا. هو پوڙهيءَ جي پاسي ۾ ٿي وينو. ماڻس اٿي ويٺي. مٿي تي هٿ رکيائينس ۽ چيائين، ”هاڻ آئون مري وينديس. تون دل وڏي ڪج، روئج ڪج نہ.“

”ائين نہ چئو امان! الله چڱي ڪندو.“

”هاڻ پڪ سمجهہ تہ آئون ڪونہ بچنديس. مونکي مرڻ جا پاٽا پئجي ويا آهن.“

اوڏي مهل پوڙهي جي ڏرا ڏيئي ويل اکين مان لُڙڪ مينهن ڦڙن جيان وسڻ لڳا. ماءُ جو ڳالهيون ٻڌي رجو جو اندر ڦسي پيو. هن روئڻ کي گهڻو روڪيو پر نيٺ روئي پيو. ڪجهہ دير کانپوءِ پوڙهيءَ

جي طبيعت ۾ فرحت آئي تہ اک لڳي ويس. رجو سوچن ۾ پئجي ويو. سوچيندي سوچيندي آخر هڪ فيصلي تي اچي پهتو تہ اندر ۾ اميد جي ڏياتي ٻري پيس. هو خوش ٿي اٿيو ست ڏيئي کھاڙي کنيائين ۽ گهر مان ٻاهر هليو ويو.

هر طرف خاموشي هئي، اونداهي ايتري گهٽي بہ ڪونہ هئي. ڏهينءَ تاريخ جو چنڊ هاڻ لڪڻ جون جايون ڳولي رهيو هو ۽ سوجهرو ڇڏي ويو هو. هو هلندو اچي رئيس خدابخش جي وٿاڻ تي پهتو. جاچ ورتائين ستل همراهہ جو کونگهرو پئي لڳو. دل ۾ چيائين ياڳ سٽائو آهي. هن وڏي وجي ڏڳو کوليو ۽ هلڻ لڳو. ڪتن جو ڪر ساٽس وير هو. خبر ئي نہ پئي تيسين پٺونڪي اچي چنبڙيس. ستل همراهہ ڪتن جي ٻهڻ تي جاڳي پيو. هن بندوق کڻي پنيان ڊوڙ وڏي.

”نہ ويو آهين...“ ڊوڙندڙ همراهہ گار ڏيئي بندوق کولي ڇڏي. ”ٺاءُ“ ڏرتي تي جڻ بم گولو ڪري پيو. رات جي راڄ ۾ رڙ پئجي ويئي، پکي پڙڪو ڏيئي اڏاٽا. مائرن جي ڇاتين سان چهٽل ٻار رڙيون ڪري روئڻ لڳا. پوڙهيءَ حيات خاتون ڇرڪ ڀري جاڳي رڙ ڪيائين، ”گهوڙاڙي مري وينديس.“ رجو جهڙو جائو ئي ڪونہ هو.

هو مري چڪو هو تڏهن بہ سندس ٻئي هٿ رسي ۾ پيا هئا. ڏڳو سندس بي جان جسم کي گهليندو پئي ويو. ماڻهن گهڻا زور لاتا پر رجو جا هٿ رسي مان ڪونہ نڪتا. پوءِ هنن رسو وڍي ڏڳو ڇڏايو.

# ويراڳي

صُبح جو اٿي منهن کي آڏا ابتا ڇنڊا هنيم ۽ تڪڙ ۾ لسي سان پاروٺو ٻَٽ کائي، ڳُرڙي ڪري وڏي ڪيڪ ڪيم. پر منهنجي ڪيِڪ جي جواب ۾ پانڌي سينڌ ڪونه وڄائي. مون وري ٻيءَ ڪيِڪ ڪئي، تڏهن به جواب ڪونه مليو. پوءِ آئون ڊوڙ وجهي گهر مان ٻاهر نڪري ويس.

هيءَ تڏهن جي ڳالهه آهي جڏهن اسان ننڍڙا ٻار هئاسين ۽ گهاٽا يار هئاسين. اسان جا هڪ ٻئي ۾ ساهه هئا. ٻنهي جي هڪ ٻئي کانسواءِ ساعت ڪو نه سرندي هئي. سڄو ڏينهن رانديون ڪندي گذرندو هو. اسان جا گهر به ويجها هئا. جيڪڏهن پانڌي اڳ اٿندو ته مونکي سڏڻ لاءِ سينڌ وڄائيندو هو جيڪڏهن آئون اڳ اٿندو هئس ته ڪيِڪ ڪندو هئس. ڇو ته مونکي سينڌ وڄائڻ ڪو نه ايندي هئي. اسان هڪ ٻئي جا مخصوص سڏ ٻڌي گهران ڊوڙ وجهندا هئاسين ۽ اچي گڏبا هئاسين.

ان ڏينهن جيئن ئي آئون ٻاهر پهتو هئس ته ماڻهن جو وڏو ميڙ ڏٺو هئم. گهڻو ڪري سيني وٽ لٺيون ۽ ڪهاڙيون هيون ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ وٽ بندوقون به هيون. هو ٽوليون ٽاهي پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. پانڌي جو پيءُ وريام جيڪو ٽي بي جي بيماري ۾ جهليل هو سو به بستري کي ٽُڪ هڻي هليو آيو هو. سندس اکيون ٽانڊن جهڙيون ڳاڙهيون ٿي پيون هيون، منهن مان ڪاوڙ جي ڪري غضب پئي ونس. هن ذري ذري شوڪارو ٿي پريو ۽ ڪهاڙي تي آڱوٺو ڦيري تيک ٿي معلوم ڪئي.

مونکي ڪا به ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه پئي آئي ۽ ان ماحول کان ڀئو ٿيڻ لڳم، تنهنڪري پويان پير ڪري واپس وريس. سڌو پانڌي جي گهر آيس. اٽي به ماين جو ڇُرچلو لڳو پيو هو. هو جهرڪين وانگي چِر چِر ڪري پاڻ ۾ ڳالهائي رهيون هيون. پانڌي پَٽ تي ليٽيو پيو هو. گهڻي روئڻ ڪري سندس منهن سڄي پيو هو ۽ گلاب جهڙا ڳل لڙڪن سان آلا هئس. ڪيس ٻانهن کان جهلي چيو هئم، "پانڌي هل ته هلي راند ڪڏون. الاهي دير ٿي ويئي آهي."

هن اکيون پٽي مونکي ڏٺو هو ۽ چيو هئائين، "راند ڪونه ٿا ڪڏون." اهي لفظ هن ڏاڍي مشڪل سان چيا هئا.

"ڪو يلا؟" مون سوال ڪيو هئس.

پاڻ چيو هئائين، "خبر اٿئي امان مونکي ڇڏي هلي ويئي آهي."

"ڪيڏانهن ويئي آهي؟" مون اتاولو ٿي پڇيو هو.

"چون ٿا هن کي ڀائي ڀڄائي ويو آهي."

پوءِ هن مونکي چيو هو "ابُو! مونسان گڏجي هلندين ته امان کي هلي ڳوليون؟"

آئون ۽ پانڌي سندس ماءُ کي ڳولڻ نڪتا هئاسين. ڳوٺ جي پاسي واري جهنگ جو هر هڪ ٿارو ۽ ڄار ڳولي هئيسين، ٻنيءَ ۾ بيٺل ڪٽڪ ۽ ڪمند جا فصل جا نچيا هئاسين، پر هوءَ ڪو نه

لپي هئي. جڏهن ٻوڙي ٻوڙي ساٽا تي پيا هئاسين تہ آسرو لاهي گهر ڏي وريا هئاسين. واپس ورندي هن مونکي هڪڙي ڳالهہ ٻڌائي هئي. چيو هئائين، ”امان رات مونکي الاهي پيار ڪيو هو. متي تي هٿ ڦيريو هئائين ۽ ٻنهي مِٽن تي چميون ڏنيون هئائين. مونکي اهڙي خبر هجي ها تہ ٿوروئي ڇڏيانس ها. سمهان ئي ڪونہ ها، سڄي رات جانچ تي وينو هجان ها.“ ائين چئي روئي پيو هو.

اجا سندس دل تان ماءُ جي ياد ئي ڪونہ لٿي هئي تہ پٽس وڃوڙي جو ڏنپ ڏنس. هو تي بي جو مريض اڳ ۾ ئي هو. وري جي زال پڃي ويس، ان باهہ هيڪاري ساڙي وڌس. روزانو رت ڇڏيندو هو.. جيئن ئي ڪٽ داخل ٿيو وري نہ اٿيو. سِڳهو ئي مري ويو.. پانڌي تي وري ٻي قيامت اچي ويئي. روئڻ سان پور پري ڇڏيائين، پر موت سان ڪنهن جو مقابلو آهي. روئي پٽي ماٺ ڪري رهيو.

پٽس جي مرتئي ڪانپوءِ هو چاچهنس ڪريمڏني جي سنڀال هيٺ آيو. ڪريمڏني کي پنهنجي لالچ سُجهي آئي. ٻنيءَ جو ٽُڪر ۽ ٻہ ٿي مينهن جا پُڇ ڏنائين تہ متانئس فدا فدا پيو ٿيندو هو. هن پنهنجي ڌيءَ رحيمان سندس نالي ڪئي ۽ رپيي رپيي ٻني ٻہ وٺي لاٿائينس.

ڪجهہ وڏا ٿياسين تہ مال ۾ پهرايا وياسين. اسان جي دنيا وشال ٿي ويئي. گهڻا ڌراڙ دوست ٿيا ۽ ڪڏڻ لاءِ وڏو ميدان مليو. مال پٽارو چاريندي ڏاڍو مزو ايندو هو. پنهنجي دنيا هئي جنهن ۾ مست هئاسين ائين وقت گذرندو ويو. تن ڏينهن جڏهن ڪتيءَ جي مُند ايندي هئي تہ جُوا بہ ڪڏندا هئاسين. پيسا حاصل ڪرڻ لاءِ ٻنيءَ مان اَن جو چونڊو يا چوري ڪري ڳوٺ واري هٽ تي وڪڻي پيسا هٿ ڪندا هئاسين. مال جوءِ ۾ چڏي پراڙ جي ڊِڳ جي اوٽ ۾ ويهي جُوا ڪندا هئاسين. ان ڏينهن بہ اسان جُوا پئي ڪڏياسين. پانڌي منهنجي پاسي ۾ وينو هو مونکي دعا پئي ڪيائين. هو جُوا ڪونہ کيڏندو هو پر منهنجيءَ پر ۾ ويهي مونکي دعائون ڪندو هو تہ آئون پيسا کٽان. ان ڏينهن پانڌي جو منهنجي پر ۾ ويهڻ مونکي ڪونہ پئي وڻيو ۽ متس ڪاوڙ پئي آئي. هو جيڏي مهل کان منهنجي پرسان وينو هو آئون رڳو هارائيندو آيس ۽ سندس تري بہ کُتل هئي. جواري جي پر ۾ تري کوڙي ويهڻ کي نياڳ سمجهيو ويندو آهي. هو اها بد سوٽي سهي نہ سگهندا آهن. منهنجي بہ ان ڏينهن صفا ٻُري هئي، داءُ ڪونہ ٿي لڳو. گهڻي دير ڪانپوءِ مس مس وڃي ٻُڪهي لڳي، تمام وڏو پٽو هو. آئون خوش ٿي ويس، دل ۾ سمجهيم پئون ٻارهن آهن. اڳوٽيون ڪسرون هڪڙي ڌڪ ۾ ڪيندس. پوءِ مون ۽ منهنجي حريف رڳو پئي پڙ ۾ پيسا وڌا. وٺائنم پيسا کُٽا تہ جو تو گروي رکيم. جوتي جا پيسا ختم ٿيا مجبور ٿي کول ڏياريم. پٽي ڏسڻ سان آئون سڙي رهيس. منهنجي مخالف وٺ مونکان بہ وڏو پٽو هو ٽِڪن جي تہ پيري. ٽکون جي اڪيليون هجن ها تہ ڪا اهميت ڪونہ هجين ها. پر جي پاڻ ۾ گڏيون تہ مير ماري وڌائون. منهنجو متو ڦرڻ لڳو اکين اڳيان اونڌهہ ڇانئجي ويئي. باهہ اچي ڪنيم. نگاهہ ڪيم پانڌي اجا تري کوڙيو وينو هو. جر لڳي ويم. ڪاوڙ مان ڪيس ٿيلهو ڏيئي چيم، ”نياڳو پر ۾ ويهندو تہ پيسا کٽائيندس ڪونہ.“

منهنجي ڳالهہ ٻڌي پانڌي تي جڻ وڄ ڪري پئي. ڪاوڙ مان ڳاڙهو ٿي ويو، اکين ۾ لڙڪ پرجي

آيس. ڏڪندي ڏڪندي چيائين، ”تون انڌو چو ٿي ويو آهين؟“

”پر جيئن پر ۾ ويٺو آهين هڪڙو پڙڪو نه ٿو ڪٽان.“

”ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه؟“

”تون بُرائي آهين.“

اها ڳالهه ڪري مون هن جي دل ٽوڙي وڌي. هو وڏيڪ ڪجي نه سگهيو. سور پي ويو. بس رڳو ايترو چيائين، ”ٻيلي، ڪاوڙجين ٿو ته ٻيهار ڪونه گڏباسين.“ ائين چئي هو هليو ويو. وري مونسان نه ڳالهايائين.

پانڌي کي ڪاوڙائي پوءِ ڏاڍو پڇتايو هئم. هن بنان هر شئي اوپري لڳندي هئي ۽ پريشان رهندو هئس. دل چوندي هئي ته کيس پيرن پئي پرچايان، پر همت ڪري نه سگهيو هئس. جڏهن به گسين پنڌين منهن سامهان ٿيندا هئاسين ته ڪنڌ هيٺ ڪري لنگهي ويندا هئاسين. وچڻ ڪانپوءِ پوئتي لئوٽا هٽي هڪ ٻئي کي ڏسندا هئاسين. اوڏي مهل اسان جي اکين مان لُڙڪ وهي پوندا هئا.

اسانجي ياري ٽُٽڻ ڪانپوءِ پانڌي رحيمان ۾ وڃي پناهه ورتي. رحيمان سندس خوابن جي شهزادي، مستقبل جي ڳاڙهي ڪنوار. ٻئي هڪ ٻئي کي شدت سان چاهڻ لڳا ته سندن زندگي ۾ سڪون اچي ويو. پر پانڌي ڪو گُري گوندر وَل جي هو. هن جي نصيب ۾ سُک لکيل ئي ڪونه هئا. سندن محبت جتاءُ نه ڪيو. رحيمان ڪانئس قُرجي ويئي. هو هيڪاري برباد ٿي ويو. ٿيو هينئن جو رحيمان کي ٻئي هنڌ پرڻايو ويو. رحيمان هن سڱاوتي خلاف گهڻي واويلا ڪئي، رُني رڙي، خودڪشي جا دڙڪا ڏنائين. پر پٽس تي ذري جو اثر ڪونه ٿيو. هو لالچ ۾ صفا انڌو ٿي پيو. وڏيري سبحان علي سان مائٽي ڪئي هئائين، ڪا گهٽ ڳالهه ته ڪونه هئي. هو ته خوشي ۾ نه پئي ماپيو. بس رڳو ايترو ڪيائين جڏهن سندس ڌڙڪي دهمان ۽ موچڙي مار اثر نه ڪيو ته هينياهين واٺ ورتائين. پٽڪو لاهي ڌيءَ جي پيرن تي رکيائين ۽ چيائينس، ”منهنجي لچ رک، نه ته آئون راڄن ۾ هڪڙي ٽڪي جهڙو ٿي ويندس. واعدي تان ڦرڻ ڪري وڏيرو به بخش نه ڪندو. جهڻ ٻچو رلائي ڇڏيندم.“

پيءُ جي پرچائڻ ڪانپوءِ رحيمان سڀ ضد ڇڏي ڏاريا. دل تي پٿر رکي اهو زهر جو ڍُڪ پيءَ ويئي. پر پانڌي جي دنيا لُٽجي ويئي. هو برباد ٿي ويو. پاڻ ڏک مان سڄو ڏينهن پيو روئندو هو. هن ڳوٺ ڇڏي ڏنو هو. گهٽو ڪري جهنگ ۾ گذاريندو هو. پلا ڪو هجيس اوهي واهي جيڪو ڏي ڏيس ۽ پرچائي گهر وٺي اچيس. پر هو ته بي واهو هو. نانگو ۽ نپٽو. ڪجهه ڏينهنَ ڪانپوءِ جهنگ مان به غائب ٿي ويو.

ان ڳالهه کي گهڻا سال گذري ويا. آئون ڪنهن ڪم سانگي شهر ويس. مون پانڌي کي اتي ڏٺو. هو سڄو ڀيوت هو. ڳاڙهيون اکيون، ليڙون لٽا ۽ وڏا وار. هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي چئي رهيو هو ”آئون توکي ڳولي لهندس. آئون توکي...“

☙

# وڄايل ماٺهو

درياهہ شاهہ پنهنجي جوبن تي هو. سندس ٻنهي ڪنارن جي وچ ۾ رڳو پاڻي ئي پاڻي هو. بي انت پاڻي، گهرو پاڻي، طاقتور پاڻي. ٻوڏون تہ اڳ بہ ايندڙيون هيون پر هھڙي يا ڄمار ڪونہ آئي. ڊپ کان ماڻهو ٻلائون ۽ جانور پنهنجا پراڻا پڊ ڇڏي وڃي محفوظ هنڌن تي ويٺا هئا.

صبح ٿيندو هو تہ ٻرپٽ ۾ بازار لڳي ويندي هئي. پري پري جا ماڻهو درياهہ ڏسڻ ايندا هئا. ڪي گهوڙن تي ڪي اُٺن تي، ڪي موٽر گاڏين ۾ تہ ڪي وري پيادا. انهن ۾ مرد، زالون، ٻار ۽ پوڙها سڀئي شامل هوندا هئا. اهي اتي وهنجندا، ٻيڙين تي چڙهي سير ڪندا ۽ پوڄا پاٺ ڪندا هئا. پوءِ جڏهن رات پوندي هئي تہ پنهنجن گهرن ڏانهن راهي ٿيندا هئا. چانڊوڪي راتين ۾ جڏهن درياهہ جو جُوار چڙهندو هو تہ سندس سونهن اجا بہ سوائي ٿي ويندي هئي. تڏهن فطرت سان پيار ڪندڙ ڪي شاعر، فلاسافر ۽ عشق جا ماريل ماڻهو گهر بہ ڪونہ ويندا هئا.

ان ڏينهن بہ ماڻهن جو ميڙو متو پيو هو. تيسين درياهہ مان ڪنهن راڳي جو آواز گونجيو:

ڪو سورج ٻاري ايندا سين
۽ ڏينهن اڀاري ايندا سين
ڪا ٻاهہ لڳائي ٻيلن کي
هن ڏرتي جي ڏاڙيلن کي
اڄ ماري ڏاري ايندا سين

اهو پراثر ۽ درد ڀريو آواز ٻڌي ماڻهن جا ڪن ڪڙا ٿي ويا. انهن جون اکيون ڪنهن اوڻتو ماڻهوءَ کي ڳولڻ لڳيون. تيسين نرمل ندي مان گيڙو رتو ويس پاتل ڪو بيراڳي پاڻي جهاڳيندو، تنبورو وڄائيندو اورتي پئي آيو. نيٺ هو اچي ڪنڌي پر ٿيو.

هو قداور مڙس هو. رنگ ڳورو ۽ منهن مٺيادار هئس. هن ڪي ڪنن ۾ والا ۽ ڳچي ۾ ڪنٺو پيل هو. سندس وڏيون گهريون اکيون جن ۾ صدين جون صدائون هيون، تن ۾ رت تري آيو هو. ڪيس ڏسي ماڻهن جو ميڙ گڏ ٿي ويو. هن وري ڳائڻ شروع ڪيو:

ڪو سورج ٻاري ايندا سين
۽ ڏينهن اڀاري ايندا سين
ڪا ٻاهہ لڳائي ٻيلن کي
هن ڏرتي جي ڏاڙيلن کي
اڄ ماري ڏاري ايندا سين
ڪو سورج ٻاري ايندا سين

راڳي جي سوز ڀري سين زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو. جيڏانهن ڪيڏانهن سُر پکڙجي ويا. منا، درد ڀريا ۽ سُرها سُر. جيڪي ساهه جي سهڪن ۽ هوا جي جهوٽن ۾ گردش ڪرڻ لڳا. جنهن جي اثر سان دليون جهومڻ لڳيون، تن تڙپي پيا. جادو جهڙي راڳ پٿر جهڙين دلين کي پگهارڻ شروع ڪيو. ماڻهو راڳ ۾ گُم ٿي پنهنجو پاڻ وساري ويٺا. هو به سُر ۾ سُر ملائي ساڻس گڏ سنگت ڪرڻ لڳا.

راڳي راڳ پورو ڪري پنهنجو گس ورتو. پٺيان هڪ ڳڀرو ڇوڪر سڏ ڪيس:

”راڳي! اتي بيهه.“

راڳي بيهه رهيو.

”تون پنهنجيون خبرون ٻڌائيندين فقير بابا؟“

”خبرون ٻڌي ڇا ڪندين نوجوان؟“

”توکي ياد ڪندو رهندس.“

”ڇو ڀلا؟“

”تنهنجو آواز پنهنجو آواز لڳو اٿم. تنهنجي راڳ منهنجي قلب جي ڪٽ لاهي اندر اجرو ڪيو آهي.“

ڇوڪر جي ڳالهه ٻڌي وڻجارو ڳنڀير ٿي ويو.

هن جي ٻُت ۾ ڏڪڻي شروع ٿي ويئي، اکين مان اُلا وسڻ لڳس. سندس ڦڙڪندڙ چپن مان ڪڙڪيدار آواز ڦاٽ کائي نڪتو. ”آئون وڇايل ماڻهوءَ آهيان، منزل جي تلاش ۾ نڪتو آهيان.“

”ڇا وڇايو اٿئي اي ويراڳي؟“

”مون پنهنجو گهر وڃائي ڇڏيو آهي. ها اهو گهر جتي آئون ڄايس، جتي مونکي ڏيون ۽ پُٽ ڄايا، جتي مون گيت لکيا ۽ زندگي جا آسودا ڏينهن گذاريا. اڄ اهو گهر...“ هن سڏڪو ڀريو. سندس لفظ سڏڪي ۾ گم ٿي ويا ۽ ماٺ ٿي ويو. ڪجهه دير سهي وري ڳالهه جاري رکيائين، ”ڏاڍن انکي باهه لڳائي ڇڏي آهي. گهر ۾ ويٺل منهنجا بي خبر ٻچا سڙي رهيا آهن. ان ۾ سانديي رکيل منهنجي ميراث سڙي رهي آهي، ان ۾ ڏن سڙي رهيو آهي.“

”پر اها آڳ اجهائين ڇو نٿو؟“

”اڪيلي هٿ سان تاڙي نه وڄندي آهي نوجوان! منهنجي ڪڙم قبيلي جا ماڻهو هر ڳالهه کان بينياز ٿي نياڳ جي ننڊ سمهي رهيا آهن. ڪين ڪير سمجهائي ته جيڪڏهن اسانجو گهر سڙي ويو ته اسان مري ويندا سين ۽ اسانجو نالو نشان ختم ٿي ويندو.“ فقير ڳالهه پوري ڪري مجموعي کي آسروند اکين سان ڏسڻ لڳو.

”تنهنجي ڏاڍي دردناڪ ڪهاڻي آهي اي مسافر! اسانکي توسان همدردي آهي. شل تنهنجو گهر بچي پوي.“

”منهنجو گهر اوهانجو گهر آهي. اوهان ايترا اکين پور چو ٿي ويا آهيو. جو پنهنجو گهر بہ سجاڳي نٿا سگهو.“ هو جذباتي ٿي ويو. اکين مان غضب وسڻ لڳس. ٽڏو شوڪارو پري روئڻهارکو ٿي چيائين، ”اج الاءِ ڪهڙو واءُ وريو آهي جو رت دانگي تي نٿو وري، رشتا ناتا اهميت وڃائي ويٺا آهن.“

اها ڳالهہ ماڻهن جي دلين ۾ بالي جيان چيپي ويئي. هو ڏڪي ويا. فقير پنهنجي ساڄي ٻانهن منهن تي ورائي روئي پيو. اکين مان لڙڪ ائين وهڻ لڳس ڄڻ درياهہ شاهہ پنهنجو روپ بدلائي سندس ماڻڪين مان سير ٿاهي هجي.

هو ڏاڍو بيوس ۽ مظلوم ٿي لڳو. جبل جهڙو اڏول مڙس ائين ٿي رنو ڄڻ ماءُ مري ويئي هجيس. اها حالت ڏسي ماڻهن کي فقير سان پيار ٿيڻ لڳو. هو ويڳاڻا ۽ ملول ٿي پيا. سندن هنياءُ ڪاڄندا ويا. نيٺ هنن جي اکين جا بند ڀڄي پيا ۽ اُٿل اچي وئي. پوءِ تہ رڳو اڇ ئي اڇ هئي. هو پنهنجي پاڻ ۾ ٻڏڻ لڳا. انهي ٻوڏ هر شئي ڌوئي صاف ڪري ڇڏي. ماڻهن جا ڪسابن ڪان ڪٽيل من ڌوپي شيشي جهڙا اُجرا ٿي پيا. جنهن ۾ سيڪجهہ صاف ڏسڻ ۾ ٿي آيو. ان ڇٽائي ۾ هنن فقير کي سڃاڻي ورتو.

آهستي آهستي ماحول تي ماٺ ڇانئجڻ لڳي. ماڻهن جون نظرون فقير جي پيشاني تي کپي ويون. هو ڪيتري دير ٽِڪ ٻڌي کيس ڏسندا رهيا. پوءِ شرم ڪان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائون. سوچڻ لڳا تہ ڪر زمين جاء ڏي تہ ان ۾ گهڙي وڃن، نيٺ ڪن پلن جي ماٺار ڪانپوءِ ان نوجوان ڇوڪر خاموشي کي ٽوڙيندي جذبات ۾ اچي وڏي رڙ ڪئي، ”بابا!“ جنهن جي گونجار سان ڌرتي ٻُري اٿي. هو وڃي کيس چنبڙيو ۽ چيائين، ”نہ رو منهنجا پيءُ! هاڻ اسانجو گهر نہ سڙندو. اسان توکان ڪڏهن بہ منهن نہ موڙينداسين.“ ائين چئي هو سندس قدمن ۾ ڪري پيو.

”او منهنجا ٻچا!“ مسافر ڪان خوشي مان دانهن نڪري ويئي. هن ڇوڪر کي اٿاري گلي سان لڳايو ۽ پيار مان مٿي تان هٿ ڦيرڻ لڳس ڇوڪرو هنجون هارڻ لڳو. تيسين هڪڙي هرڙي جهڙي نوجوان ڇوڪريءَ ”بابا_ بابا“ ڪندي ڊوڙندي اچي فقير کي چنبڙي. پوءِ جتان ڪٿان ”بابا_ بابا“ جا روئندڙ آواز اچڻ لڳا، ماڻهو فقير جي پيرن تي ڪرندا ويا.

ان مهل اهو ماڻهوءَ ڪنهن فاتح جرنيل وانگر لڳي رهيو هو. سندس ڪومايل چهرو صُبح جي پهر ۾ ٽڙيل گلاب جي گل جهڙو ٿي پيو هو ۽ اکين ۾ بيپناهہ چمڪ اچي ويئي هئس. پوءِ هو لشڪر کي وٺي پنهنجي منزل ڏي راهي ٿيو. هنن جي هلڻ جو انداز اهڙو هو جو انهن جي قدمن جي زور زمين کي ڏڪائي ٿي ڇڏيو. سندن راهہ جي ڌوڙ ڌرتي تان اڏامي آسمان ڏانهن وڌندي پئي ويئي.

# رمون پولڙي

بدن ۾ سنهڙو، قد جو ڊگهو پر گڪو. ڪُسرو رڱو ڄاڙي تي چار پنج وار. ٻُج ڪَگا، ڳالهائيندو ته ڳِگ ڳڙي پونديس. سدائين شادين جي پوپان. گهٽو ڪري ٽانڊو ٻاريندو. جيڪڏهن ڪاچ ۾ اڳئي ٽانڊا ئي ٻڏل هوندو ته ويهي رهندو بصر وڏڻ. ڳاٽا ايندا خوش ٿي ويندو. ڪين زور ڏيندو. چانهه ۽ پان وٺيو پيو ايندو. ڪيڏي مهل بي سُري آواز سان ڪلام چوندو. سڄاڻندا به راڄ هئس. جتان لنگهندو سيڪو چوندو. ”رمون پيو وڃي.“

پٽس مئو ته پاڳ ڦٽس، نه ته مائٽن جو دادلو هو. پٽس لڪانو جوڙو وهائيندو هو ته به رمون ڪلهي تي. ماٽس ڏاري هئي جنهنڪري ڏيرن جي ڪانه پوندي هئس. تن جو هاڻ گيهه ۾ چلو ڪري پيو. چار ڏوڪڙ وٺي ڪمون ڪانگ جي حوالي ڪيائونس. ڪمون نامي گرامي ماين جو واپاري، جنهن اهڙي هنڌ ٻُنڌ پٽيس جو وڃڻ ڪي ويئي. مائي ڪونه ٿي ويئي، مٿان ٿيو ڪريو ٿي پئي، پر لنين جو زيبٽ ٻريس ته سين جي اڳيان ٿيو ٿي هلي.

رمون ڪي مائٽن جي ڏڪ نپوڙي وڌو. وٽن تي چڙهي ماءُ جي جانچ ڪندو هو. ماٽهن ڪان ڏس پڇندو هو. ماءُ نه مليس مستانو ٿي پيو. چاچا ڪونه پائيندا هئس، ڦڦهينس حوا وٽ رهندو هو. مال تي اجايو شوق هئس. سندس ڦڦي جي پُٽ گامون ڪي مال جي واپار جي پِٽ. روز دَر تي نئون وهٿ. رمون ڍور تي ساهه پيو چڏيندو. گاهه چاريندو، ڳانديا ٻڌندو. ڪنهن ڪٽي پوڳ ڪرايس، ”رمون، مون تنهنجو ڊِگو گامون ڪان ورتو آهي.“ ته لٺ سان پيو ايندو. سينڊ وڃائڻ ۽ پولڙيءَ چوڻ سان پاٽي مان نڪري ويندو. پڇڻ جهڙو هوندو ته ڏڪ هٽي ڪڍندو. جي وس نه هلندس ته رڙيون ڪري چوندو. ”گهوڙاڙي گامون چورا مارين ٿا.“ پوءِ اچي روئڻ ۽ پٽڻ ۾ پوندو. پلي ويهن ڪوهن تي هجي پر ڏڪي ويل گامون ڪي سڏ ڪندو. گامون جا وري ڪهڙا پانئڻ. پِڏ ايندي هئس ته ڪٽي رکندو هئس.

هن جي ٿاهوڪن چوڪرن سان گهٽي پوندي هئي. تر جي ٻن ٽن وڏيرن جي پُٽن ڪانسواءِ مونکي به پاءُ ڪري سڏيو هئائين. جيتوٽيڪ هو سڃائندا به ڪونه هئس، پر هي مريو پيو ماندو ٿيندو هو. چوندو هو. ”سائين پورل شاهه جو پُٽ پپو شاهه مونکي جتي به ڏسندو آهي جيپ جهلي پيسا ڏيندو اٿم. رئيس وريام جو پُٽ ظفر ڪار ۾ گڏ ڪٽي گهمائيندو اٿم.“

هڪڙي دفعي گڏهه تي چڙهيو پئي ويو. گڏهه ڪڙيي مان ٿي اُڪتي ته پاٽي ۾ ڪري پئي. رمون جون ٽنگون مُڙي پيون. هو ٽنگن تي ڪک نه سهي. ڪو چڱو ڪٽي صلاح ڏيس ته مالش ڪر، چور ڦور پر حرام ڪو مڃي. جتي جهليائين اتي سُڪ ڪري چڏيائين نيٺ ٽنگون سُڪي ويس.

هڪڙو جيءُ جڏو ٻيءَ وري سندس ڪوءَ خراب. چيڙاڪ حد درجي جو ٿي پيو. ٿوري ڳالهه تان گار جي ناڙي، پِٽ جو رئونشو. ٻيا ڪونه سهن باقي پوڙهيءَ حوا مان ڪڍي باهيون. اها وڙهندي به هئس ته پائيندي به هئس. ڪاوڙ ايندي هئس ته چوندي هئي، ”مٿا نانگا! الله ماريني ته منهنجي جان ڇُٽي.“

ڪيڏي مهل هانءُ پڇي ايندو هئس تہ پاڪر وجهي روئندي هئس.

رمون اڳي پيو شادين مان ڏڪ پريندو هو. گهر ٻُڪ مرڻ لڳو تہ پاڻ ڪٽائي اچي پر واري شهر ۾ چڙدايائين. شهر پهتو غريب ڳولڻ لڳس. سيڪو چئي مون وٽ رهي. گلو موالي جا پاڳ پلا, منٿون ڪري وٺي آيس. پنڻ وارا پيسا ان کي ڏيندو تہ چار پهر رات جا تر سائيندس, ماني ڳپو بہ ملندس. سندس اتي بہ اهائي عاشقانہ طبيعت. ڪنهن ڪٽي ڳالهہ چوري "رمون, شادي ڪڏهن ٿو ڪرين؟" تہ سندس چاڙي نہ پئي گڏبي. نہ ڏسندو موقعو نہ مهل. گلو جي ڏيءَ لاءِ چوندو "جنونءَ سان شادي ڪندس. نہ تہ ٿوروئي انهن پينگين کي پني ڪارايان." هو جنون لاءِ ورتل ڇلا ۽ چوڙيون ڪيڏي ڏيکاريندو. موالي ماڻهوءَ ڪارو سهي سهي ٿڪو نيٺ بيعزتو ڪري ڪيڏي ڇڏيائينس. هو وري وڃي علو پنگلي جي ڀُڪي پيو. رمون جون اتي بہ عادتون ڪوٺيون. علو ويچارو ٽڏو ماڻهوءَ سو سندس سڀ انگل پيو سهندو هو.

پوڙهيءَ حوا هفتي ٻئي ضرور وٽس ويندي. سندس لاءِ ماني بہ آٽيندي. پهرين پاڻ ۾ وڙهندا, پِٽ پاراتا ڏيندا پڇاڙي ۾ پرچندا, پوءِ گڏجي روئندا. رمون حلوو گهرائي ڪارائيندس. وڃڻ مهل بہ ٽي روپيا بہ ڏيندس.

مون شادي تي ڪئي. اڳوات چيائين, "مونکي شادي تي وٺي هلج." مون بہ هاءُ ڪئي. آئون وڏن ماڻهن کي دعوت ڏيڻ ۾ پورو, رمون جي ڳالهہ وسري ويم. شادي ڪانپوءِ شهر ۾ ڏٺومانس. وٽس وڏي ويس تہ منهن ڦيرائي ڇڏيائين. پنج روپيا خرچي جا ڏنا مانس تہ نہ پيو وٺي. چيم, "ڪاوڙيو آهين؟"

چي, "ياءُ هجين ها تہ ضرور وٺي هلين ها."

اها ڳالهہ ڪري مونکي ڪُهي وڌائين. هٿ ٻڌي معافي ورتم تہ روئي پيو. ڏهہ روپيا پاڻ مونکي ڏنائين. چي, "پاڃائي جي موڙي جا آهن."

سيارو آيو رمون جو دشمن آيو. نہ اجهو نہ اوڇڻ. رات جو سيءُ وڍيس تہ ڏينهن جو بہ ستيس. سڄي رات هڪڙي رلي ۾ رڙيون ڪري وهائي. سردي لڳي ويس. نہ دوا نہ درمل. پيسا وڃي علو کايو, رمون اهڙو جو اهڙو.

علو کي پڪ ٿي رمون بچندو ڪونہ, تہ گڏهہ گاڏي ڪري ڳوٺ ڇڏي ويس. ڳوٺ وري ڪهڙو سُک ڏنائين. گامون جو گهر جهڙو ڪُڪڙن جي کُڏي. سڄو عيال ان ۾, رمون وري بہ ٻاهر. اتي بہ اهائي هڪڙي ڏڙڪي. رات جو پيو وڦلندو. پوڙهي پئي خاڪ شوري ڪنديس. ٽي راتيون خير سان گذريون. چوٿين رات جيئن ستو سج مٿي چڙهي آيو تہ بہ رَلي تاڻيو پيو هو. وِلِ بہ ڪونہ ٿي ڪيائين. پوڙهي حوا دير ٿيڻ تي ڦات ڪاڏو "مئا نانگا! هاڻ تہ اُٿ, ڏس تہ سهي ڪيڏي دير ٿي ويئي آهي. تون اجا ڦرهو ٿيو پيو آهين."

رمون ٻڌو بہ ڪونہ. پوڙهي کي ڪاوڙ لڳي. جنهن وڏي اچي رَلي لاٿس, پر هو يڪو ننڊ پئجي ويو هو.

# هينئڙو تولءِ قارون قارون

جڏهن کان منهنجي پيڻ آمي جي شادي جون ڳالهيون ٽيڻ لڳيون هيون، آئون ايترو پريشان ٿي ويو هئس جو ڳالهه ياد پوڻ تي جيڪڏهن هلندل هوندو هئس ته هلندي هلندي بيهي رهندو هئس، ۽ جيڪڏهن سُتل هوندو هئس ته پُنن کان باهه جو چٽنگون نڪرڻ لڳنديون هيون. ائين لڳندو هئم ڄڻ منهنجو بدن طاقت ڇڏي ويو هجي. پنهنجو پاڻ کي هلڪو ۽ بي وزن محسوس ڪندو هئس.

ڪنهن به شئي جو احساس تڏهن ٿيندو آهي جڏهن اها هلي ويندي آهي. هونئن ته آئون ۽ اديءَ پار هئڻ ڪري وڙهندا به ڏاڍا هئاسين. آئون پيڻ کان وڏو هئس. امان چوندي هئي جيڪي پار هڪ ٻئي پنيان ڄاپندا آهن، اهي اطوطي ٿيندا آهن.“ ادي هئي به ڏاڍي چالاڪ. ننڍڙي هئڻ جي باوجود ڳالهيون اهڙيون عقل جون ڪندي هئي جو دنگ رهجي ويندا هئاسين. ڪلائي ڪلائي پيٽ ۾ سور وجهي ڇڏيندي هئي مونسان جڏهن خوش هوندي هئي ته چوندي هئي، ”ادا جي شادي ٿيندي نچي ٿلها پيجي ڇڏينديس.“ جي ناراض هوندي هئي ته چوندي هئي، ”ادا جو بدو ڪونه پرينديس.“

هوءَ پتڪڙي هئي ته به پنهنجو پاڻ کي وڏي سمجهندي هئي. ڪڙيون ڪٽي اُپي ٿي بابا کي چوندي هئي، ”بابا! ڏس هاڻ آئون وڏي ٿي ويئي آهيان. منهنجا پير به وڏا آهن“. پوءِ پنهنجي ٽنگ مٿي ڪري بابا کي پير ڏيکاريندي هئي. بابا يوڳ مان ٺڪي هٽي مِني ڏيندو هئس. مونسان ته هر ڳالهه ۾ ٽڪر هوندو هئس. راند ڪڏندي مٽيءَ جا گهر ٺاهيندا هئاسين. هوءَ چوندي هئي سندس گهر سٺو. آئون چوندو هئس منهنجو گهر سٺو. هوءَ چوندي هئي سندس ڪُنڙا سنا، آئون چوندو هئس منهنجا ڪُنڙا سنا. امان ۽ بابا سان گڏجي ٻني ۾ وهر (رونبو) ڪرڻ ويندا هئاسين. اديءَ چوندي هئي سندس مهاڙو وڏو. آئون چوندو هئس منهنجو مهاڙو وڏو. مائٽ هميشه اديءَ جو پاسو ڪٽندا هئا، آئون ڪاوڙجي پوندو هئس. مونکي گهر ۾ سڏيو ئي چريو ويندو هو ۽ اديءَ جي چالاڪي جي ڪري مٿس جيوٽي نالو پئجي ويو هو. هڪ دفعي ڇا ٿيو جو سائين احمد مونکي مار ڏني. هن چماٽون هڻڻ کان سواءِ منهنجون ٻُبيون به پٽيون. جن ۾ گهڻو سور ٿي پيو هو ۽ سُڄي پيون هيون. مون روئي اچي گهر دانهن ڏني. اديءَ اها ڳالهه ٻڌي ڇاتي ڪري ٻئي ڏينهن سڌو اسڪول آئي. هن سهڪندي سهڪندي ٻاتي ٻولي ۾ سائين کي چيو ”منهنجي ڀاءُ جو ٻُليون ٿو پٽيون آهني؟“ پهريائين سائين واٽڙو ٿي ويو. ڪيس ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي. پر به ٿي دفعا وَر وَر ڪري پڇڻ ڪانپوءِ جڏهن ڳالهه سمجهه ۾ آيس ته مورڳو خوش ٿيو. هن مٿي تان هٿ ڦيرايس، ريپو خرچي جو ڏنائينس ۽ چيائين، ”ناني! هاڻ تنهنجي ڀاءُ سان ڪونه وڙهندس.“ واقعي ٿيو به ائين. پوءِ سائين جيستائين اسانجي ڳوٺ واري اسڪول تي استاد هو مونکي ڪونه ماريندو هو.

ڏيون پرايو ڌن. خبر ئي نہ پوندي آهي وڏيون ٿي ويندي آهن. پوءِ هڪڙو ڏينهن اهڙو بہ ايندو آهي، روئي اباڻو گهر ڇڏيندي آهن. اديءَ بہ جڏهن اچي ڏينهن لڳي ٿي، تہ راج مان مائٽي جا پيغام اچڻ لڳا. مون وارو چاچو يارو جيڪو وهي ڪاهي اچي موتيو هو پر اجا وانڊو وينو هو. تنهن اچي بابا جو مٿو ڪاڙو تہ سندس شادي ڪرائي وجي. هو ان معاملي ۾ ايترو حساس ٿي پيو هو جو بابا جي اڳيان روئندو بہ هو. هونئن تہ اڳ شادي ڪرڻ لاءِ مٿس زور پريو ويندو هو تہ انڪار ڪري ڇڏيندو هو. پڇاڙي ۾ الاءِ ڪهڙي ڪُتي ڪنيو هئس جو سندس سُک ڦٽي پيو هو تہ ٻين جو بہ سُک ڦٽائي وڌو هئائين. چوري ڪندو هو يا ري بہ چور ٻڍيءَ سان. گهر تہ ڪو جمعاٽي چنڊاٽي ايندو هو نہ تہ سدائين ٻاهر. ڏينهن جو شهر ۾ رات جو چوري جي پويان. جُوڪو ٿيندو هو تہ ڳوٺ ايندو هو. بابا ڪان پيسا ڦري وجي يارن تي خرچ ڪندو هو. چوندا آهن زور اڳيان زاري. سو بابا بہ چاچا جي اڳيان مجبور ٿي پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا. هُن چاچا جي چوڻ تي اديءَ جو سڱ نواز کي ڏيئي اتان بدي تي ڇوڪري وٺي چاچا کي پرڻايو. نواز چاچا جو يار هوءِ اسان جي قبيلي جي وڏيرن جو فرد هو.

اديءَ ونواهہ ۾ وينجي تہ رڳو پئي روئندي هئي. امان پرچائيندي هئس. ڳوٺ جون مايون سمجهائينديون هئس، تڏهن بہ ماٺ ڪونہ ڪندي هئي. آئون سندس لاءِ طرحين طرحين جو شيون وٺي ايندو هئس پر هن کي ڪونہ وڻنديون هيون. اڳ ۾ پان ڏاڍا وڻندا هئس. آئون جڏهن شهر ويندو هئس مونکي چوندي هئي، "ادا! منهنجو پان وٺي اچج. جي نٿو آڻين تہ وڙهندي سين." پان ملندو هئس تڙي پوندي هئي. پر هاڻ پان آڻيندو هئس، ڪونہ کائيندي هئي.

شادي واري ڏينهن جڏهن گهوٽيتا ڪيس وٺي وجي رهيا هئا، اسان جا وڻن ۾ وات لڳي ويا هئا. ائين لڳي رهيو هو اسان نياڻي پرڻائي ڪونہ آهي پر ماري ڇڏي آهي. چو تہ اسان سادا سودا غريب ماڻهو هئاسين. اسان جي ڳوٺ جو رواج هوندو هو ڳوٺ ڪان ٻاهر ڇوڪري ڪونہ پرڻائبي هئي، ادي ڳوٺ جي اڪيلي ڇوڪري هئي، جيڪا ڏهہ ميل پري پرڻائي هئيسين. ٻي ڳالهہ تہ وڏيرن جي گهرن ۾ عورتن سان جيڪي ويل وهايا ويندا هئا، ان جي اسان کي سچي خبر هئي. جنهنڪري اسان دل لاهي وڌي هئي. مونکي پنهنجي پياري ڀيڻ جو ڪنوار بنجي گهر مان نڪرڻ واري منظر کي ڏسڻ جي سگهہ نہ هئي. تنهنڪري آئون ماسي جنت جي گهر وجي ان جي هنڌ جي صندل هينان لڪي رهيو هئس، ۽ اُتي اونڌو منهن ڪري رنس پئي. اديءَ جيڏي مهل موڪلايو پئي، آئون اتي موجود ڪونہ هئس. پاڻ وجڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيائين. چي، "جيستائين ادا موڪل نہ ڏيندو تيستائين ڪونہ وينديس." وجڻ وارا ٻيهہ رهيا. منهنجي ڳولا ڪئي وئي. آئون ليڇي پيس. وٺي آڻي اديءَ جي اڳيان ٻيهاريائون. هوءَ مونکي ڪنڌ ۾ ٻاڪر وجهي چنبڙي پئي. سندس سڏڪن منهنجو اندر وڍي وڌو. آئون پُري پيس. امان لُڙڪ اگهندي چيو هو "ڀيڻ کي هاڻي موڪل ڏي تہ وڃي پنهنجو گهر وسائي." مون روئندي ڀڳل دل سان اديءَ کي چيو هو "تون هاڻ ڀلي وڃ." پوءِ هو هليا ويا هئا.

اديءَ جي شادي کي اجا سال مس گذريو تہ نواز هڪڙي مائي ڀجائي آيو. ان مائي جا گهر ۾ پير

ڇڏڻ، منهنجي پيڻ جو ڀاڳ ڦٽڻ. سندس لاءِ ڏکيا ڏينهن اچي ويا. هاڻ اديءَ جي حيثيت گهر ڏٽياٽي واري نہ پر نوڪرياٽي واري وڃي رهي. ويچاري اَسر ڏيئي اٿندي هئي ۽ ڪم ڪي لڳي ويندي هئي. ڪير ولوڙيندي هئي، سانجهڻ ڪندي پاٽي پريندي، ويڙها ۽ وٿاڻ ٻهاريندي هئي. سڄو ڏينهن اها ورڙي ورڙي پئي پوندي هئس، پر ڪيس نہ ڏئو تي ماني ڪارائي ويندي هئي ۽ نہ ئي ڪو نئون ڪپڙو وٺي ڏنو ويندو هو. اديءَ کي بُک گهٽي لڳندي هئي. هڪ دفعي ڇا ڪيائين جو جڏهن ماني ٿي پچايائين تہ اڳ ۾ سندس لاءِ لوليءَ پچائي، گوڏي هينان لڪائي رُکي رُکي کائڻ لڳي. اتفاق اهڙو ٿيو جو سندس پهاج صاحبہ کنهن ڪم سانگي سڌ ڪيس. پر گرنهہ وات ۾ هئڻ ڪري جواب نہ ڏيئي سگهي. آمي ڊپ جي ڪري ڪوسو گرنهہ ڀورڻ لڳي تہ اکين ۾ لُڙڪ اچي ويس. صاحبہ کي جواب نہ مليو تہ سڌو رڌٽي ۾ ويئي. هن اهو سمورو لقاءُ ڏسي ورتو جنهن تان ڇر لڳي ويس. هن لُوهہ ڪري وڃي نواز کي چيو "هيڏاهن! جا آمي جا پار ڏنا اٿئي؟"

"پر آهي ڇا؟"

"ڇا وري ڇا آهي، جوٺي ججهي ڪاڏي پيتي بہ پئي سِڪي، هينئر ڏٺم ماني پچائيندي لِڪ ۾ پئي ماني کاڏائين. ڇڱو گهر ۾ ڪو مهمان مهي ڪونهي، اها حالت ڀيو ڪو ڏِسي ها تہ سمجهي هامائي کي ماني بہ ڪونہ ڏني ويندي آهي. ڪيڏا نہ خوار ٿيون ها."

اهو ٻُڌي نواز تپي باهہ ٿي ويو. لٺ کٽي اچي اديءَ کي ورتائين. بس پوءِ آمي جي پُٺن تي لٺين جو وسڪارو ٿيڻ لڳو. صاحبہ بہ وساءَ ڪونہ گهتايو اُها بہ لتون ۽ مُڪون هڻڻ لڳي. منهنجي پيڻ پاڻ بچائڻ لاءِ رڙيون ڪري ڪري ساٽي تي پئي هئي. پر ڪير ڇڏائڻ وارو بہ ڪونہ هئس. هونئن بہ ٿوري گهٽي ڳالهہ تان اديءَ کي مار ڪيڻ روز جو معمول هو.

اسانکي آمي سان ٿيندڙ جُٽين جي خبر پئي پوندي هئي. پر ڪري ڪجهہ بہ ڪونہ ٿي سگهياسين. هو ڏاڍا هئا، اسان هيٺا زور نٽي ڦٻيو. اديءَ کي عيد برات تي بہ اسان ڏانهن ڪونہ ڇڏيندا هئا ۽ نہ ئي اسان مان ڪنهن کي اوڏانهن اچڻ ڏيندا هئا. اسان پنهنجي نياٽي جي شڪل ڏسڻ لاءِ سڪي ويا هئاسين.

آمي کي پٽ بہ ڄائو نالو رکيائينس جاني. پر ڪيس پنهنجي جاني کي کٽڻ ۽ کڏائڻ جي اجازت ڪونہ هئي. هن تي اهو بہ ڪم رکيل هو پنهنجي پهاج جي پُٽ نظام کي کٽي، ڪڏائي، ڏٺاري وهنجاري. نظام لاءِ شئي ايندي هئي پر جاني کي ذرو بہ نہ ڏنو ويندو هو. هو شئي کائيندو هو جاني ڇا ڪندو هو جو نلهي هٿ سان وات ۾ ڦڪ هٽي چوندو هو "هپ" اديءَ پنهنجي پُٽ جو اهڙو ڏک سهي نہ سگهي هئي تنهڪري ڪيس اسان ڏانهن ڏياري موڪليو هئائين.

ڪجهہ عرصو گذريو هڪ ڏينهن اسان ڏانهن اطلاع آيو آمي گم ٿي ويئي آهي. ان ڳالهہ اسان کي جهوري وڌو. اسان منهن پير وڃي ڪرياسين. جتان ڪٿان ڇُڻ پُڻ ٿيڻ لڳي. ڪو ڪهڙي ڳالهہ ڪري ڪو ڪهڙي. اسان ڦڪائي ڪان منهن لڪائيندا وتياسين. ماٺهن اهي بہ ڳالهيون هُلايون،

”آمي کي ماري ڇڏيو اٿن.“ هنن چيو ”گهر ڇڏي ويئي آهي.“ اسان مٿن ڪيس ڪيو گهڻا زور لڳايا پر وريو سريو ڪجهه بہ ڪونہ موريو دشمني پرائيسين. بس روئي پٽي ماٺ ڪري رهياسين.

ان ڳالهہ کي ورهيہ وهامي ويا آهن، پر اديءَ جي ياد منهنجي دل جي ويران شهر ۾ ڪنهن يادگار جيان اڃا بہ محفوظ آهي. هوءَ مون کي هڪ پل بہ وسري نہ سگهي آهي. نِنڊپڻ جون ساروڻيون ياد پونديون آهن تہ هانءُ ڏي پوندو آهي. امان ۽ بابا روئي روئي حال وڃائي ڇڏيا آهن. سندن ڏينهن اوسيئڙن ۽ راتيون ڪتڪن ۾ گذرنديون آهن. هو اڃا بہ آسروند آهن تہ آمي جيئري آهي. مونکي گهر بہ ويهڻ ڪونہ ڏيندا آهن. چوندا آهن، ”وڃ، وڃي ڀيڻ کي ڳول.“ آئون پنهنجي زندگي جي رڃ جهڙي سفر ۾ واٽ ويندي ڪنهن اڀاليءَ عورت کي ڏسندو آهيان تہ ڀيڻ سمجهي ڏانهنس ڊوڙندو آهيان. پر هوءَ منهنجيءَ ڀيڻ نہ هوندي آهي. آئون حسرت مان ڏسندو رهجي ويندو آهيان.

# دعا

جڏڙو هو ڇا ٿي پيو. اندر ۾ دل تہ هئس، سان بہ ميڻ جھڙي نرم ۽ نازڪ. صُبح جو گسڪي اچي فٽ پاٿ تي ويهندو هو، سج ٽبي هٽندو هو تہ گھر ويندو هو. جڏهن مئڊم غزالا کي اتان لنگھندي ڏسندو هو سندس عجيب حالت ٿي ويندي هئي، دل تيز ڌڙڪڻ لڳندي هئس، مُنيون پڇي ويندي هئس ۽ صدائون هڻڻ ڇڏي ڏاريندو هو. اهڙا جذبا طاري ٿيندا هئس جن کي نہ ڏک سڏي سگھجي ٿو نہ خوشي. جيستائين اکين کان اوجھل نہ ٿيندي هئي تِڪ ٻڌي پيو ڏسندو هئس. جنهن ڏينهن نہ ايندي هئي اهو ڏينهن عذاب ۾ گذرندو هئس.

رڳو جانو دل ڪونہ ڦرائي هئي، پر ٻيا بہ ڪيترائي مئڊم جي قيد جا اسير هئا. هوءَ سراپا سونهن هئي. سندس انگ انگ مان حسن تجلا ڏيندو هو. جڏهن اُڇا ڪپڙا پائي، سينگار ڪري، ٻرندڙ مرڪيوري بلب جھڙي منهن تي چشمو چاڙهي، خوشبوءَ مان واسجي، ڇاتي وٽ ڪتاب جھلي، مرڪندي رستي تان گذرندي هئي، ماڻهن کان رڙيون ڇڏائجي وينديون هيون. هن جا ڪي چاهيندڙ ٻئي شهر مان جٽان هي بس ۾ چڙهي ايندي هئي، گڏجي نڪرندا هئا ۽ هِن شهر جي اسڪول وٽ اچي ڇڏيندا هئا. موڪل ڪانپوءِ وريو گڏيو ويندا هئا.

ان ڏينهن مئڊم لنگھي وئي، جانو کان پنڻ وسري ويو. اچي سوچن ۾ پيو. ساڻس دوستي رکڻ لاءِ خيالي پور پچائي پئي مزو ورتائين. وري پنهنجي حالت تي نظر پيس، شرم اچي ويس. چيائين، ”آئون بہ ڪو چريو آهيان. هو شهزادن ڇورن کي بہ ڪونہ ٿي پڇي، سو مون جڏي سان ڪيئن نهندي؟“ ان ڳالھ مايوس ڪري وڌس. ڪاوڙ آيس. دل ۾ چيائين، ”مئڊم تہ ڪٽي نهيو پر ٻيا ڪھڙا سُک مليا اٿم. ماڻھو چڱا ڀلا آئون پيري جو پيري، جهڙي بلا. ڪاڙهي ۾ پني پني کل ڪاري ٿي وئي آهي. گھر ڪونهي پرائي پلاڻن تي ويهون. ماڻھو جايون نهرائين اتان لڏائي ڇڏين، وري ٻئي هنڌ لڏو رکون. برساتن ۾ پسون، سيءُ ۾ ٺرون، ڪڏهن ڪائون ڪڏهن لنگھڻ. ابا سور ڪائي مئو امان بيمار. جواڻ ڀيڻ گھر ۾، جيڪا سگھي ڪپڙي لاءِ پئي سڪي. باقي نندڙو ڀاءُ سورن کان ڇٽل. وڏو ٿيندو وزن جي خبر پئجي ويندس. هي بہ ڪو جيئڻ آهي؟ ان کان موت ڀلو آهي.“ اهو سوچي زندگي کان نفرت ٿي پيس. ڪاوڙ مان هٿ فرش تي گھرڙي منهن تي پوندو هنيائين. پٽيائين، ”اي الله! مونکي مار.“

جذبات ۾ اچي ڳالھ ڪري وينو گھر سار ڪيائين ڇرڪ نڪري ويس. دل ۾ بحث ڪرڻ لڳو، ”آئون مري ويس گھر ڪير پاريندو؟“

جواب آيو ”اديءَ.“

”پر اديءَ تہ جواڻ آهي. ماڻهن ۾ رهيو ڪونهي غيرن کان پيسا گھرندي، هو ڇڏي تہ ڪونہ

ڏيندس. مجبوري ۾ پيشو ته نه ڪرائيندي؟“

اها ڳالهه ويچاري باهه ٿي ويو. ٻي سنوتائي ۾ فرش تي مُڪ وهائي ڪڍيائين. هن جي اڳيان ماءُ، پاءُ ۽ پيڻ جون نماڻيون صورتون ڦرڻ لڳيون. جن ۾ بيوسي هئي. ان بيوسي وڌي وڌس. ڏڪارو ٿي پيو. لُڙڪ ڪري پيس، چپ ڦڙڪيس. پٽڪو ڪيائين، ”نه نه آئون نه مرندس. زنده رهندس.“ جلدي ۾ هٿ ڪٽي پنهنجي وڏي ڄمار لاءِ دعا گهرڻ لڳو.

♋

# هيٺا ماٺهو روئي ويهندا

ڳوٺ جون وڏڙيون وانديون ٿي اچي اسان جي گهر گڏبيون هيون. اسان جو گهر سندن ڪچهري جو مرڪز هوندو هو. اچي قصن ۾ پونديون هيون. ڳالهين ۾ وٺي ڪٽي اهڙو ويگر وجهنديون هيون، جو ننڍڙي ڳالهه کي بہ وڏائي وڻ ڪري ڇڏينديون هيون، آئون ننڍو هئس، مونکان ڇيپ ڪونہ ڪنديون هيون. هنن جو ڳالهيون وٽنديون ڪونہ هئم، پر حياءُ وچان ماٺ ڪري رهندو هئس.

هڪڙي ڏينهن ڪچهري متل هجين. موضوع اهو سندن دلپسند شادي وارو پئي هليو. ٻوڙ پئي پين. مائي ڪريمان جنهن ڪجهہ دير اڳ ناس جو چپٽو هنيو هو تنهنڪري سندس چنهنب بند هئي، تنهن کان هاڻ سَنو نہ ٿيو. اول تہ هن وڏي پچڪاري هنئي، پوءِ هٿ کي نچائيندي چيائين، ”گهوٽ ڪيڏو بہ هنيائتو هجي، پر شادي واري ڏينهن روئندو ضرور.“

”ها اديءَ اسان بہ جبل جهڙا مڙس ان ڏينهن پُرندي ڏٺا.“ پوڙهي حوا سُر جهلايو.

”پر گهوٽ روئي ڇو ٿو؟“ ماسي ڪتو سوال ڪيو.

”ڪي پيارا ياد پوندا هوندس.“ مائي ڪريمان دانائي بيان ڪئي.

سندن ڳالهيون ٻڌي مونکي چڙ پئي آئي. سهي سهي ٽڪس نيٺ چئي ڏنم. ”رڳو ڪوڙ ٿيون ڪريو.“

منهنجي اوچتي مداخلت تي هو ششدر ٿي ويون ۽ هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳيون. نيٺ مائي ڪريمان قاٺ ڪاڙو ”ابا! تون اجا ٻار آهين. توکي زماني جي ڪهڙي خبر، جي اجايو ٿو بحث ڪرين.“

”مونکي خبر آهي خبر. رڳو ٻڏ ٿيون هڻو.“

”خبر هجئي تہ اهڙيون ڳالهيون ڪونہ ڪرين. وڏو ٿيندين پاڻهي پتو پئجي وينديءَ.“

”پتو اوهانکي بہ پئجي ويندو، آئون منهنجي شادي ۾ ڪونہ روئندس.“

”چڱو ڏسبو.“

پوءِ هن امان کي چيو ”آئي فاطمہ پُٽين جون ڳالهيون ٻڌين پئي؟“

امان ڳالهايو ڪونہ هو. سندس لبن تي رڳو معصوم مُرڪ تري آئي هئي. اها عجب جهڙي مرڪ مون زندگي ۾ پهريون ڀيرو ڏٺي هئي. جنهن ۾ ايندڙ وقت جا خدشا ۽ ڪتڪا هئا، غم هو اداسي هئي.

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو. ان رفتار تبديليون آنديون. هڪڙي تبديلي منهنجي لاءِ بہ آئي. وقت مونکان منهنجي ماءُ جدا ڪري ويو. اها ماءُ جيڪا هن دنيا ۾ مونسان سڀ کان وڌيڪ پيار ڪندي هئي. جنهن جو وجود منهنجو سڀ کان وڏو سهارو هو. جيڪا منيون لوليون ڏيندي هئي، منهنجا ڳيچ چوندي هئي. منهنجي اها مهربان ماءُ رسي ويئي. آئون پرزا پرزا ٿي ويس.

بيماري جي دئوران هڪ ڏينهن امان منهنجي نندي پاءُ ٻُولي جي ٻانهن جهلي چيو هو ”هن چريي جي پارت اٿئي.“ مون ٻولي جي اکين ۾ ڏٺو هو. جن ۾ رڃ جهڙي ويراني هئي. آئون ڪا مُدت سندس اجھاٽل چهري کي ڏسندو رهيو هئس. هن جي چهري تان نظرون هٽائي وري امان جي هڏائين پيجري کي ڏٺو هئم. سندس مُک لڙڪن مان آلو ٿي ويو هو. غم جي لهر آئي هئي، جنهن ۾ لُڙهي ويو هئس. اکين مان ڳوڙها ٿمي پيا هئا. جن چيو هو ”امان تنهنجي امانت جي حفاظت ڪبي.“

بولو آهي به مستانو. نه ڪنهن جي ٻن ۾ نه ٽن ۾، بس پنهنجي ۾ پورو. ماني مليس ته به واه، جي نه مليس ته به واه. گهرندو ڪونه. ٻاهر ويندو ماڻهو تنگ ڪندس. اتي پڙ پڙڪندو ، گهر ڪڏهن به اچي دانهن نه ڏيندو.

منهنجي شادي جا ڏينهن ويجها اچڻ لڳا. عجيب ڪيفيت ٿيندي ويئي. ڪيڏي مهل خوشي ڪيڏي مهل غم. امان جو چهرو هر وقت اکين اڳيان پيو ڦري. دل چي، امان هجي ها ته ڪيڏو خوش ٿئي ها. مائي ڪريمان جي ڳالهه هر وقت ذهن ۾ پئي گونجي، ”گهوٽ ڪيڏو به هنيائتو هجي، شادي واري ڏينهن روئندو ضرور.“ مون فيصلو ڪري ڇڏيو هو ڇا به ٿي پوي روئندس ڪونه.

شادي واري رات ڪل خوشي ۾ گذري ويئي. صُبح ٿيو امان شدت سان ياد اچي ويئي. چنو نه پيو وٽي، گهر ٻڌيو پيو ڪائڻ اچي. بيخبري ۾ امان کي ڳولڻ لڳان، امان هجي ته ملي.

سرگس جون تياريون شروع ٿيون. راڄ جي چڱي مڙس جي نگراني ۾ نوان ڪپڙا ۽ بوٽ پاتم. مٿي تي پٽڪو ۽ موڙ ٻڌي، خوشبوءَ مان واسجي، گهوڙي تي چڙهيس. منهنجي اڳيان ماڻهن جو ميڙ هجي. مگٽهارن شرناين کي باهيون ڏيئي ڇڏيون. مون تي نوٽ گهورجڻ لڳا. دوستن خوشي مان نچڻ شروع ڪيو. ڏٺم ٻولي کي نچڻ لاءِ ماڻهو زور پيا پرين. پهرين هُن لهرايو پوءِ شروع ٿي ويو. هو نچڻ سان هاڃا هٽڻ لڳو. ماڻهن جا وات ڦاٽي ويا. آئون حيران ٿي ويس هن ايترو سنو ناچ ڪٿان سکيو.

سرگس ختم ڪري گهر ويس، جتي ڪنوار سان لائون لڏم ، اسان ۾ رواج آهي لائون لهي پنهنجي عزيزن قريبن کي پيرن پوندا آهيون. پهرين اديءَ تي نظر پيم. ڪيس پيرن پيس ته روئي پئي. مونکي اولانبو اچي ويو پر نه روئڻ جو واعدو به ياد هئم. ان ڪري وڏو جبر ڪري پاڻ روڪيم. ماما عيسي کي ڏٺم جيڪو نماڻو ٿيو مٿي تي هٿ رکيو وينو هو. ڏانهنس وڏيس ته هن به سڏڪندي چيو. ”هاڻ نهيو نهيو“ پريان ڏٺم ٻولو ڪنڌ هيٺ ڪريو ويٺو هو. وڏي وڃي پيرن تي هٿ رکيامانس ته گدري وانگر ڦسي پيو. ڳچي ۾ ڪٽي پاڪر وڌائين. اچي روئڻ ۾ ڇُٽو. آئون جيڪو اڳئي اٽڪ تي ويٺو هئس، دل جهلي نه سگهيس. روئي پيس.

# سنڌو ڪناري

هُن کي ڏسڻ سان مونکان ڇرڪ نڪري ويندو هو. عمر ڪا ايڏي وڏي بہ ڪونہ هئس. سٺ جي اندر هو. پر ڏکن جو ڏڏيل هو جنهنڪري وقت کان اڳ پوڙهو ٿي ويو هو. رنگ ڪارو بدن گهنجيل، منهن تي آڱر جي ٻُل جيڏي اڇي ڏاڙهي، اداس اکيون جيڪي هر وقت لُڙڪن مان تر. ويس هئس پراڻي قميص ۽ گوڏ. مٿي تي ريڙ جهڙو ململ جو پٽڪو جيڪو لاهيندو هو تہ ٽڪڻ تي ڏکن جا نشان چٽا ڏسڻ ۾ ايندا هئا. پيرن ۾ ربڙ جي چال جنهن ۾ ڪشن بدران اڳڙيون ٻڌل هونديون هيون. ماڻهو عاشق سڏيندا هئس، پر اصل نالو هارون هئس.

تڏهن سنڌو ۾ ٻوڏ آئي هئي. سرڪار خطري کان بچڻ لاءِ وڏي وٺ پڪڙ لاهي ڏني هئي. انهن ڏينهن آئون تازو آبپاشي کاتي ۾ ڀرتي ٿيو هئس، سو منهنجي بہ ڊيوٽي لڳائي ويئي. مون چاچي هارون کي اتي ڏٺو. هو بند تي بيلدار هو. منهنجي هٿ هيٺ ڪم ڪندو هو. پاڻ منهنجي لانڍي تي روز شام جو ايندو، پنهنجي قسمت جهڙي ڦٽل لالٽين جو گولو ڪڍي پهرين هٽندو هئس ٽڪون. پوءِ پٽڪي جي پلاند سان صاف ڪري گاسليٽ پرائي ويندو هليو ويندو هو پهرو ڏيڻ.

سنڌو جي سونهن بہ آهي پاڻي سان. ڪجهہ وقت اڳ جڏهن پاڻي ڪونہ هو تہ سڄ پئي واڪا ڪيا، پر هاڻ رنگ لڳي ويا هئا. رات پوندي هئي ندي ڪناري روشنيون تارن جيان ٽمڪڻ لڳنديون هيون. سڄي ڪنڌي اجري ٿي ويندي هئي. آبپاشي کاتي جي عملي جا ماڻهو پنهنجون ٽارچون ۽ لالٽين ٻاري سنڌو تي پهرو ڏيندا هئا. ڪي پاڻي جي ڀئو کان ڀڄي آيل ماڻهو بيراڳين جيان ٻاهيون ٻاريو مارڪو وينا ڪندا هئا. چنڊ مٿي چڙهي ايندو هو، سنڌو جون گجگوڙون ڇوٽ چڙهي ويديون هيون. ائين لڳندو هو ڄڻ دشمنن کي للڪاريندي هجي.

آئون حجابن وارو، منهنجي طبعيت نرالي. اتي وري خوشامد ۽ چاپلوسي گهٽي، جنهنڪري اڪيلو ۽ اُباٽڪو ٿي پيو هئس. محبوب کان جدائي جو غم هيڪاري ماري وجهندو هو. جڏهن درد حد کان وڌي ويندو هو تہ دل سنڌو ڏانهن اڇلون کائڻ لڳندي هئي. پرهہ ڦٽيءَ مهل سنڌو جي بنهہ ويجهو هليو ويندو هئس. سنڌو اڳوٽي بند کي توڙي جتان پنهنجو نئون پيٽ ناهيو هو. آئون ان بند جي ٻتل حصي کان اوڏانهن ويندو هئس. جيتوڻيڪ ان پاسي ڏانهن وڃڻ جي منع هئي، پر آئون نہ مڙندو هئس. اتان سنڌو جون هستيون ۽ مستيون ڏسڻ وٽان هونديون هيون. ڏسندو هئس پاڙان نڪتل وڻ ۽ ٻوٽا ليٽ ڪبوتر ڪندا، گيلاٽيون کائيندا ويندا هئا. ڪارين ڪنڌين مينهن کي پاڻي گوليءَ جيان ڪٽيو ويندو هو. ڪڏهن ڪنهن بي جان انسان جو لاش پاڻي جي وٽ تي ظاهر ٿيندو لڙهندو ويندو هو. ملاحن جي ٻيڙين جا سڙهہ ائين لڳندا هئا ڄڻ خانہ بدوشن جا خيما. اهڙو منظر

ڏسي آئون پنهنجي تاريخ ۾ گم ٿي ويندو هئس. منهنجي اڳيان سنڌو جو ماضي ڦرڻ لڳندو هو.

ان صُبح آئون خيالن ۾ وينو هئس. اوڏي مهل مونکي اهو رشي ياد پئجي ويو، جنهن ندي جي ڪناري ويهي سندس ساراهه ڪندي چيو هو، "اي سنڌو! تون نئو ورني ڪنوار وانگر آهين. تون جڏهن ميدان مان وهين ٿي، تڏهن بيشمار ڪاڏو پاڻ سان آڻين ٿي. تنهنجو پاڻي اُتم آهي. جيئن ڪو راجا جنگ ڪرڻ لاءِ نڪرندو آهي ۽ پنيان لشڪر هوندو اٿس، تيئن تون بہ ندين جي اڳيان مهندار ٿي هلين ٿي." اهي ڳالهيون ياد ڪري اکين ۾ لُڙڪ ڀرجي آيا. ندي سان محبت جذباتي ڪري وڌو. مون بہ چاهيو تہ سنڌو جو ڪو گيت لکي امر ٿي وڃان. پنهنجي ذهن تي زور ڏنم. منهنجا چپ چريا. آواز نڪتو. "امان_امان_او منهنجي امان!" لفظ منهنجو ساٿ نہ ڏيئي رهيا هئا، انڪري گيت جڙي نہ پئي سگهيو. آئون پنهنجي دل جي سچائي سان رڳو "امان_امان_او منهنجي امان پڪاري رهيو هئس. تيسين بدن تي هلڪو ڇهاءُ محسوس ڪيم. ڪنڌ ورائي ڏنم، پنيان چاچو هارون بيٺو هو. هن پڇيو "ڇا وينو ڪرين ابا؟"

"بس ائين وينو آهيان."

"توکي اِتي ويهڻ نہ گهرجي، هيءَ خطري واري جاءِ آهي."

"آئون پاڻي ڪان پري آهيان."

"توکي هن ندي جي رازن جي خبر نہ آهي پُٽ! هيءَ ڏاڍي سگهاري آهي. هي مٽيءَ جا ڪچا بند هن جي اڳيان ڪجهہ بہ نہ آهن. خبر اٿئي هن پورالي ڪيترا وهڪرا بدلايا آهن؟ اڄ بہ سونهاري سنڌ ۾ هن جا جتي ڪٿي نشان ڏسڻ ۾ ايندا. هيءَ ايتري تہ سگهاري آهي جو جبل بہ ٽوڙي ڇڏيندي آهي. هن پنهنجي گود ۾ اولياءُ بہ آڻي ڇڏيا. منهنجي سانپر جي ڳالهہ آهي، سنڌو او هُتان وهندي هئي." هن اشارو ڪيو ۽ ڳالهہ جاري رکندي چيائين، "هو وڏا وڻ ڏسين پيو نہ؟ ان ڪان اڳتي ملوڪ شاهہ جي درگاهہ هئي. سنڌو ان جي پريان وهندي هئي. پوءِ اچي هن طرف آر ڪيائين. نيٺ بند ڪي ڪائيندي ڪائيندي اولياءُ کي بہ پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي ڇڏيائين. اسان رات جو اتان رڙيون ٻڌندا هئاسين. اڄ ان جاءِ تي نشان بہ نہ آهي."

"آئون هِتي نيڪ آهيان، مونکي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏي."

"نٿو ڇڏي سگهان. تون بہ تہ ڪنهن جي اکين جو نور هوندين، ڪنهن جي دل جو سُرور هوندين. مڃان ٿو ڏکويل آهين. پر منهنجو غم بہ گهٽ ڪونهي، پوءِ بہ جيان پيو. هلي آءُ." هن ٻانهن کان جهلي ڇڪيو پر آئون ڪلي وانگر ڪُپي ويو هئس. ڪانئس ڇريس بہ ڪونہ. منهنجو ضد ڏسي ٻي واٽ ورتائين. پنهنجو پٽڪو لاهي منهنجي پيرن طرف جهڪيو. مون روڪي ورتس. چيم، "بس چاچا! مون آڻ مڃي."

منهنجي راضي ٿيڻ تي هو خوش ٿي ويو. پنهنجين ٻي ستين آڱرين سان منهنجا لڙڪ اگهيائين تہ سندس اکين ۾ بہ لڙڪ ڀرجي آيا. مونکي وني اچي لانڍي تي ڇڏيائين ۽ پاڻ هليو ويو. آئون هنڌ

تي ليٽي پيس. منهنجو درد اجا بہ وڌي ويو. پوڙهي سان پيار ٿيڻ لڳم. جنهن منهنجو ڏک سمجهيو هو. آئون شدت سان رات ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. جيئن ساڻس اندر جا سور سلي دل جو درد هلڪو ڪجي. نيٺ اها گهڙي بہ آئي. ڏينهن پنهنجو بسترو گول ڪيو. رات پر پکيڙيا. چنڊ چمڪڻ لڳو. ستارا جرڪڻ لڳا. بيلدارن لالٽينون ڪٽي چٽوڪيون ڏيڻ شروع ڪيون. آئون لانڊي مان نڪري هن ڏانهن ويس. هو مچ ٻاريو ويٺو هو.

"اسلام عليڪم"

"واليڪم سلام. اچي وٺين صاحب؟"

" ها چاچا"

"ڀلي ڪري آئين. جيءُ ڪري آئين. هتان ٿي ويهہ." تڏي ڏي اشارو ڪيائين.

آئون سئولو سڌو ٿي وينس تہ چيائين. "ابا! آئون توکي رڳو ايترو سچاٽا تہ بند جو ماڻهوءَ آهين، باقي ٻيءَ خبر ڪانهي ڪا. ڀلائي ڪري پنهنجيون خبرون ٻڌاءِ."

مون واقفيت ڪرائي، مورڳو واسطو نڪري پيو. هو وري اٿيو ۽ اکر پائي ٻئي دفعا هٿ ڏنائين. چي، "مون اوهانجو نمڪ پاڻي کاڌو آهي. اوهانجا ٽکر منهنجي پيٽ ۾ آهين." ڪجهہ دير رکي وري پڇيائين، "ڀلا وڏيرو سوڀو جيئرو آهي؟"

"نہ چاچا! هو گذاري ويو."

"گهوڙا!" هن ران تي ڏک هنيو. چيائين، "مڙس ڪو هو چا، راڄ جو راڻو هو. هڪ دفعي چا ٿيو اسانجي چوري ٿي ويئي. پير اچي اوهانجي جوءَ ۾ وڃاياسين. شام اچي ٿي، ٻُک بہ هٽي نانجهو ڪري وڌو. پر ۾ ڪو ٻوٽ بہ نہ هجي جو ڪنهنکي ماني جو سوال ڪريون. تيسين گهوڙي جي ٽاپ ٻڌيسين. جي ڪٽي ڏسون ڪو همراهہ واچوڙي وانگي اڏامندو اچي. اسان وٽ پڄي گهوڙو جهلي چڙهيائين. دعا سلام ڪان پوءِ پڇيائين ميڙو آهيو؟ اسان چيو هائو. پاڻ ماني جي صلاح هنيائين تہ پيٽ ۾ ساهہ پيو. پڇيوسين ڳوٺ ويجهو اٿئي يا پري؟ چيائين ويجهو آهي. جا هو جيڪي وڏا وڻ ڏسجن پيا، انهن ڪان ٿورو پرتي آهي. اسان بہ ڪٽي نڪتاسين. هو گهوڙي تان لهي پيو. هلندي هلندي بيزار ٿي پياسين. پر ڳوٺ اچي نہ. پڇونس وڏيرا ڳوٺ اجا ڪيترو پري آهي؟ چي، اجهو پڄڻ وارا آهيون. ابا، هلندي هلندي ڪوهہ کن پنڌ ڪيوسين، تڏهن وڃي ڳوٺ پهتاسين. اسانجي پڄڻ سان اوطاق ۾ نکون وڇائجي ويون، پاڻي جا مَٽ ڀرجي ويا، هڪڙو خاشو ڇيلو ٻڌي وڌائين. جلدي ماني تيار ٿي آئي، ڪارائي پياري واندو ٿي پوءِ سربستيون خبرون پڇيائين. واهہ ڙي مڙد واهہ. اوهانجي ست راڄي ۾ اهڙو ڪونہ ٿيو."

هو ڳالهہ پوري ڪري خاموش ٿي ويو. ڪجهہ دير ماٺار ڇائنجي ويئي. وري خاموشي کي ٽوڙيندي پڇيائين، "شادي ڪئي اٿئي؟"

"نہ چاچا!"

”ٿي ويندي، ٿي ويندي. پلا ماءُ پيءُ جيئرا اٿئي؟“

”ها ءُ.“

”ٻاڳ وارو مڙس آهين. اسان ته گهڻا ڏينهن اڳ ماري ڇڏيا.“

”چاچا، هڪڙي ڳالهه پڇانءِ؟“

”پُڇ.“

”تنهنجو پُٽ پهي ڪونهي ڇا، جو هن وهي ۾ پيٽ سور ڪائين؟“

”ڪير به ڪونهي، نانگو آهيان.“

”شادي ڪونه ڪيئه ڇا؟“

”نه.“

”ڇو پلا؟ “

”جنهن سان ڪرڻ چاهيم، اها نه ملي. ٻيءَ سان مون به ڪونه ڪئي.“

”تنهن جي معنيٰ عشق جو ماريل آهين؟“

”سچو آهين.“

”ته پوءِ پنهنجي عشق جو قصو ٻڌائيندين؟“

”ان ڳالهه کي ڇڏي ڀار.“

”ڪونه ڇڏيندس. تون به مونکي ڪونه ڇڏيو هو نه.“

”ڏاڍو هنيلو آهين.“

”اعتبار ڪر، آئون تنهنجا راز ڪنهنکي ڪونه ٻڌائيندس.“

”منهنجا راز، راز ناهن رهيا. آئون کليل ڪتاب وانگر آهيان. پر پراڻيون ڳالهيون ياد ڪري اندر جا قت کُلي پوندا آهن.“

”منهنجي ڪري اهو زهر جو ڍُڪ پي وڃ.“

”ضد ٿو ڪرين ته ٻڌائين ٿو. هيءَ تڏهن جي ڳالهه آهي جڏهن منهنجي جواني هئي. هئس به لٽ شوقين. سمجهندو هئس آهيان ڪو آئون. سچو ڏينهن پاڻ ناهڻ ۾ پورو هوندو هئس. جواني پيسان ديواني، سو مونکي عشق جي کپر ڪائي وڌو. آئون هُن کي دل ڏيئي ويٺس. دل به اهڙي لڳي جو صفا لوهه. رڳو هُن جي تات هجي، ٻيءَ ڳالهه نه وڻي. نه ڏسانس ته بيمار ٿي پوان، جي ڏسانس ته تانگهه هيڪاري وڌي وڃي. رڳو مجبور آئون به ڪونه هئس، هوءَ به مونتي ساهه ڇڏيندي هئي. رات جو لوڙهو ٽپي موڏانهن هلي ايندي هئي. قول ڪيو هئائين، مونکانسواءِ ڪنهن سان لائون نه لهندي. پوءِ......،

ائين چئي هو ماٺ ٿي ويو.

”پوءِ ڇا ٿيو چاچا؟“

”هڪ دفعي ڏسجي پياسين، اتان ڪان اسانجي ڦٽي. هن جا مائٽ زبر ماڻهو ٻيءَ وري غيرت جي

ڳالهہ اصل ڇتا ٿي پيا. مونکي مارڻ لاءِ وجهہ ڳولڻ لڳا. آئون گهر ۾ ويهي رهيس. ٻاهر نہ ڦٻيا تہ گهر تي حملو ڪري ڏنائون. ٻي ڪونڊو ڪري مارياڻون. پريان ڪي ڇُوٽا هئا بچي پيس، باقي هُنن مارڻ واري ڪئي هئي. ابا ويچارو ڍڄڻو ماڻهوءَ، تنهن زور رکيو لڏي هلون. غريب هئاسين، پڇي نہ سگهياسين ڳوٺ ڇڏي وياسين. منهنجي ساهيڙي سان بہ گهٽ ڪونہ ڪيائون. ماري اُجڙ ڪري وڌائونس. نيرَ ۾ ٻڌي ڇڏيو هئائونس، ڪتي وانگر ڪوڪاري ماني ڏيندا هئس. شادي ڪرايائونس، هُن بغاوت ڪئي. ڇي، منهنجو گهوٽ آهي هارون آهي، ٻئي کي ڏيان ٻاهہ. هاءِ ڙي وفادار عورت هاءِ!"
ائين چئي ڪجهہ دير مون ۾ اکيون کُپائي ڇڏيائين. شوڪارو پري وري ڳالهہ جاري رکيائين، "پرڻايائونس سهي، پر هُن کي منهنجي جهوري، مڙس سان نہ ٿهي. پئي موقعا ڳوليائين. هڪڙي رات ٻُل لڳس، اڇيو ٿي مونڊانهن پڇي. سُتت وارثن کي سڄاڳي ٿي پئي، اهي بہ ٿا پنيان لڳنس. اڌ پنڌ تي اڇي جهليائونس. پوءِ بگهڙن جي وات ۾ ٻڪري اڇي ويئي. ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيائونس. ان ڪانپوءِ آئون برباد ٿي ويس. هوءَجا منهنجي زندگي هئي، منهنجو سُک چين هئي، منهنجو ساهہ پساهہ هئي، مونکان ڦُرجي ويئي. آئون لُٽجي ويس.
ڳالهائيندي ڳالهائيندي گلو ڀرجي آيس. لفظ نڙي ۾ اٽڪي پيس. محسوس ڪيم روئي پيو. تيسين پريان سيندون وڄڻ لڳيون، هوڪريا ٿي ويا. موٽر جو وڏو سوجهرو ويجهو پوندو ويو. هن هراسجي چيو "اهي گوڙ ٻڌي پيو ابا؟"
"ها چاچا!"
"پانيان ٿو آفيسر آهن."
"آئون بہ ائين ٿو سمجهان."
هو تڪڙ ۾ اٿيو پنهنجي لالٽين کڻي هلڻ لڳو.

# خدائي ڏاج

منهنجي ستين ڏيءَ ڄائي، اسان جي گهر ۾ ڄڻ قضيو ٿي ويو. ڪُنيون ڪونہ ٿي چڙهيون. مون منجهيءَ اونڌي ڪري ڇڏي. گهر واري منهن مٿو پٽيو. چيائين، ”ڏاتو ڪٽي ڏيو پاڻ کي ماريان.“ ننڍڙي کي پٽيائين، ”مئي نانگي تنهنجي ڄاپڻ جو کهڙو ضرور هو.“ ارمان ڪيائين. چي، ”الله سائين، ملوڪ ڪٽي نہ رڳو هڪڙو ٻچڙو پُٽ ڏي ها تہ بہ سنو هو.“ هڪڙي مائٽياڻي چيو ”بلائن مان گهر پرجي ويو.“ ماڻهن وٺي توبهہ توبهہ ڪئي. دوستن دلداري ڏني. چيائون، ”غم نہ ڪر، ڌيون خدائي ڏاج آهن. رب جي رضا تي راضي رهہ.“

پريشانيون ٿينديون رڳو نياڻين جي ڄاپڻ وقت آهن. پوءِ ڳالهيون وسري وينديون آهن. وري اهي ڇريون منيون بہ ڏاڍيون ٿينديون آهن. پنهنجي ڏيءَ شيرين جي پرڻائڻ وقت دئورو پئجي ويو هئم. چاهيو هئم گهر مان ٻاهر نہ ڪڍانس، پر دل تي پٿر رکي پرڻايو هومانس.

آئون جڏهن بہ ڪم ڪار ڪري ٿڪي ٽُٽي گهر ايندو آهيان، ويچاريون ورائي ونديون آهن. اچي قصن ۾ پونديون، ابا هيءَ ڳالهہ ابا هوءَ ڳالهہ. سندن ڳالهيون ٻڌي منهنجو ٿڪ لهي ويندو آهي. شل نہ آئون بيمار ٿيان، سندن سُک ڦٽي پوندو. ڪا زور پئي ڏيندي، ڪا نظر پئي ٻڌندي تہ ڪا طعام پئي تيار ڪندي. هڪ ڏينهن ڳوٺ جي داداگيرن مونکي مار ڏني. ڏک تي پيو اکين مان ڳوڙها نہ پيا پيهن. پنهنجي هيٺائي جو احساس ٿيم. سوچيم، پٽ هجن ها ضرور ڊوڙي اچن ها. ان ڳالهہ جي منهنجي ڌين کي خبر پئي تہ انهن بہ وساڻ ڪونہ گهتايو پَٽ ڪٽي ڇڏيائون. رنيون رڙيون، پٽ پاراتا ڏنائون. ماني نہ پيون کائن. مون پرچاين تڏهن وڃي ماٺ ڪيائون.

ماڻهن جي واتان اڪثر سندن پُٽن جو شڪايتون ٻڌندو آهيان. مون ڪيترن ئي اچين ڏاڙهين وارن کي پُٽن جي ڪرتوتن جي ڪري پريشان ٿيندي ڏٺو آهي. وري جڏهن پنهنجيون نياڻون ڏسندو آهيان تہ خوش ٿي ويندو آهيان. هو مونتي ساهہ ڇڏينديون آهن. ڪڏهن بہ شڪايت نہ ڪئي اٿن، غريبي حال تي خوش آهن.

ان ڏينهن جڏهن شهر ۾ اها ڳالهہ ٻڌم، پُٽ هٽي پيءُ جو خون ڪري وڌو آهي تہ چڪر اچي ويم. ڏاڍو ڏک ٿيو. ذهن ۾ رڳو اها سوچ، ٻيءَ ڳالهہ نہ وٺي. شام جو آئون سامان جي پري ڪٽيو چنگهندو پئي آيس. اچا گهر ڪان پري هئس. منهنجي پري پرڻايل ڏيءَ شيرين مهمان ٿي آئي هئي. مونکي ايندي ڏٺائين، هوءَ ڊوڙندي اچي واٽ تي پهتي. پيرن پئي هٿ ڏنائين، سامان جي پري وٺي پاڻ کنيائين. ان وقت منهنجي عجيب حالت ٿي ويئي. جذبات اچي ويم. خوشي مان لڙڪ وهي پيا. شيرين ڳالهائڻ لڳي، ”ابا خوش آهين؟“ روئڻ جي ڪري مونکان ڳالهاءُ نہ پيو نڪري وري پڇيائين ابا چڱو ڀلو آهين؟“

آئون تڏهن بہ چپ. هن لئوٽو هنيو. منهنجا لُڙڪ ڏسي ورتائين. ماٺ ٿي ويئي، اکيون پرجي آيس.

# حق جي ڳولا

ڪرڙ جهرڙ ميرا ڪپڙا، مٿي ۾ ڪپڙي جي اڇي ٽوپي، هٿ ۾ درخواست، هراسجي آفيس ۾ گهڙي آيو. هيڏانهن هوڏانهن لئوٽا هڻي پڇيائين، ”افتاگ ڪيانال ڪهڙو آهي؟“

الطاف جنهن کي ڪئنال اسسٽنٽ سڏيو ويندو هو يا وري خانصاحب الطاف. پنهنجي نالي جو ايڏي بيرحمي سان آپريشن ٿيندي ڏٺائين ته باهه ٿي ويو. منهن ڦٽائي چيائين، ”ها، ٻُڍاءِ ڇا ٿو چئين؟“

”پاڻي بند آهي.“

”پوءِ آئون ڇا ڪريان؟“

”اسٽئي صاحب اوهان ڏانهن موڪليو آهي.“

”صاحب ماڻهن کي مٿي تي چاڙهي ڇڏيو آهي، ڳوٺان اچن مرچ وٺڻ، هتي ٽڪي واري درخواست ڏيو وڃن. روينيو ۾ وڃن ته خبر پوين.“ هن ڳالهه پوري ڪري آبدار قبول خان کي داد طلب نگاهن سان ڏٺو.

قبول خان جيڪو خوشامد ۾ ٻنون ٻڏيو گهميو. تنهن ڪئنال جي ڳالهه کي وزن وٺائيندي چيو. ”انجنيئري ڪاتو نَر ڪاتو آهي، پر ناڪام رڳو اسانجي آفيسرن ڪيو آهي. ساٺ ئي ڪونه ٿا ڏين. روينيو جا آفيسر ٽپيدارن سان ٻڌل آهن.“

”هينئر سيڪو ڪامريڊ. گپ مان پير پريا پيا آهن، ڏو آفيس ۾. جڻ اوطاق ۾ پيا اچن.“

”يَر آئون دعا پيو ڪريان ڏنڊي واري سرڪار اچي، ان ۾ من ڪو اسانجو ويليو ٿئي. باقي هن ڦلهڙي حڪومت ۾ ته پني ويندا سين.“

”سچو آهين. ماڻهو آهن ٻه موچڙي سان سڌا، عزت مان ڇا ڄاڻن.“

دوسو نماڻو ٿي سندس ڳالهيون ٻڌڻ لڳو. الطاف دل جي اوٻر ڪڍي دڙڪي واري انداز ۾ چيو. ”ڪنهن پاڻي بند ڪيو آهي؟“

”ٽوپلن“ هن درخواست ڏيندي چيو.

الطاف جو پارو وري چڙهي ويو. چنڊ پٽيندي چيائين، ”نه سڌريا جٽ. اڙي چريا! نالو ٻه اٿن يا نه؟“

دوسو ٻالي واري آگر نراڙ تي رکي ڪجهه دير سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ ڏندڙا ڪڍي هٿ کي هلائيندي چيائين، ”هڪ قاشد، ٻيو جُبير.“

”قاصد صاحب ٿو پاڻي بند ڪري!“ هن قبول خان ڏانهن نظرون کڻي ڳالهه جاري رکي، ”هو ماڻهو

آهي لاجواب. هتي هڪڙي دفعي آيو هو. ڪمانڊ پلان ڊيڪاريومانس، پنج سئو رپيا خرچي ڪڍي ڏنائين. وني ڪٽي اهڙا فعل ڪيائين، اتي چانهيون، اتي منايون، پڪوڙا ڇا ڪائون.“

”ماڻهن کي مڙيئي ڪپن ڦڏا، سي لاهيو اچن.“

دوسو پنهنجو پاسو ڪمزور ٿيندي ڏٺو رهيو نہ ٿيس چيائين، ”ڪوڙ ڪونہ ٿو ڪريان، ساک سين پاڻي بند آهي.“

”پاڻي بند آهي تہ اسان وڏن ماڻهن کي ڇا ڪنداسين. نوڪريون وچائڻيون تہ ڪونهي.“

”آنکي الله نوازيو آهي، جي ٽيڪ ڪندا تہ سڻائي ٿي پوندي.“

”ڇڱو گاڏي ڪري اچ.“

گاڏي جي ڳالهہ ٻڌي ڍڪر چڙهي ويس. ڪجهہ دير ماٺ ٿي ويو. پوءِ ڏاڍي عاجزي سان چيائين،سائين، غريب آهيان. ايترا پيسا ڪونهي.“

”پيسا ڪونهي پوءِ ڦڏن ۾ هٿ ڇو ٿو وجهين؟ اسان گاڏي کانسواءِ ڪونہ هلنداسين.“

”لاري وچي ٿي، پريان ٿورو پنڌ آهي.“

”نہ نہ ايترا واندا ڪونہ آهيون. آخر اسان کي ٻيا بہ ڪم آهن، انهن کي ڪير منهن ڏيندو؟“

دوسو مايوس ٿي ويو. مونکي مٿس رحم آيو. ڪئنال کي چيم، ”سائين درخواست تي نوٽ هڻي ڏيو تہ وڃي جانچ ڪري اچان. اهو مٿي جو سور بہ لهي.“

منهنجو ايترو چوڻ، هو مونتي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويو. چي، ”ماڻهن کي اوهان ڦٽايو آهي. آبداري ٽا ڪريو؟ انڪان تہ وڃي حجامت ڪريو.“ نيٺ ٻري سور سان درخواست تي نوٽ هڻي منهنجي حوالي ڪيائين.

اسان روانا ٿياسين. بس مان لهي سم نالي جي پٽڙي ورتيسين. پنڌ هلندي ڪچهري بہ ڪندي هلياسين. پڇومانس ”ڇاجي ڪري پاڻي بند ڪيو اٿن؟“

چيائين، ”منهنجي ٻني ۾ اڪيون وجهو وينا آهن. نٿو ڏيان تہ اچي دشمني لاٿئون آهي. جاگير اٿن پوءِ بہ ڍاپن ڪونہ ٿا.“

”بنهہ ڪي ٻتال آهن؟“

”وڏا ظلمي آهن. منهنجو پاڻي بند، گس بند، لٽ پئي ڦرين، ڪيڏانهن وڃان؟ ڳوٺ پڄ توکي منهنجو ڇوڪرو ڏيکاريان. ويچارو سندن ڦارم مان لنگهيو. ٻڌي ڪتن کان کارايائونس. ابا! ايڏي ڪا مال مستي ڏنہ؟“

”تون ڪيس ڦڏو ڪونہ ڪيو ڇا؟“

”ڪيم، پر داد ڪونہ ٿيو.“

”زور ڀريا ماڻهو آهن ڇا؟“

”هاءُ، وڏا هاڦيسر آهن.“

”کهڙيون نوڪريون اٿن؟“

”جُهاجن جا ڦاليتر (پائليٽ) آهن.“

”منهنجي صلاح آهي ٻنيءَ مان ڪٽي هٿ ڪڍ.“

”نه ڙي بابا! ٻنيءَ ننگ آهي، ننگ ڇڏبا نه آهن.“

”تون ساڻن پڇي نه سگهندين.“

”آئون سر ڏيئي ڇڏيندس، پر ٻنيءَ نه ڏيندس. ان ۾ ٻچا وڏيو وينو آهيان، انجو ان ڪائون ٿا. تون پاڻ ٻڌاءِ اها ڏيئي ڇڏيم، پوءِ ڪيڏانهن ويندس؟“ هن جي آواز ۾ جذبات سان گڏ غم لڪل هو.

مون سندس جذبات کي ڏسي ڪٽي ماٺ ڪئي.

سرزمين ڏڌم حيران ٿي ويس. قاصد جي ٻنيءَ مان نڪري دوسو جي ٻنيءَ کي پيچ ڪندي کسي کي دنگ وٽان وڏو ٻڪيڙو آيل هو. سندس سارين جو فصل سڙي اچي اولڙ ٿيو هو. هو پنهنجو ڪتن ڪاڏل نوجوان پُٽ وٺي آيو. وڪ ڪٽي دانهن نڪريو وڃيس. قميص مٿي ڪنيائين منهنجي بُت مان سيءُ نڪري ويو. سڄو ڏڏريو پيو هو ڦٽ اچا ڪونه ڇيتا هئس.

آئون قاصد سان ملڻ ويس. بنگلي تي انگريزي ٽوپلاءِ سوٽ پاتل ٻئي همراهه مليا. ڪين چيم، ”اوهان دوسو جو غير قانوني پاڻي بند ڪيو آهي.“

منهنجي ڳالهه کي اهميت ڪونه ڏنائون. قاصد چيو ”تون ان ڳالهه کي ڇڏ. هو وڏو حرامي آهي. اسانکي بليڪ ميل ٿو ڪري. آئون سپاڻي آفيس اچي انجنيئر سان ڳالهائيندس.“

منهنجيءَ خاطر تواضع سٺي ڪيائون. زبير جيپ تي ڪٽي اچي پڪي رستي تي پهچايو. ٿي سئو زوري کيسي ۾ وڌائين. منهنجي ضمير جو ڪنڌ جهڪي ويو.

ٻئي ڏينهن ٻئي ڏريون آفيس آيون. قاصد پهتو آفيس حرڪت ۾ اچي ويئي. انجنيئر دوستي ڳنڍي ويهي رهيو. ڪو پٽيوالو چانهه پيو وٺيو اچي، ڪو بسڪوٽن جا پڙا. صاحبن پنهنجي مدد جو يقين ڏياريس. وڃڻ مهل گاڏي تائين گڏجي اچي روانو ڪيائونس.

دوسو کي نئين تاريخ ملي. انجنيئر چيو ”آئون پاڻ سرزمين ڏسندس.“

هُن جي روز ٿپال پي پئي. ڪنهن ڏينهن انجنيئر آهي نه ايس ڊي او ڪونهي، ايس ڊي او آهي نه ڪئنال ڪونهي. جي سپئي آهن نه ڪو نه ڪو بهانو ڪريو ٽاريو ڇڏينس.

ڳچ سال گذري ويا آهن، پر دوسو سان اجان انصاف نه ٿيو آهي. قاصد ڪڏهن ڪاوڙجي حملو ڪرائي رتو رت ڪري ڇڏيندو اٿس، ڪڏهن ڪوڙو ڪيس ڪري جيل جي هوا کارائيندو اٿس. پر هُن همت نه هاري آهي. جڏهن واندڪائي ملندي اٿس نه درخواست ڪٽي پاڻي وٺڻ لاءِ آفيس ايندو آهي.

# توہِن حياتي اڌوري

پياري ساجده،

اميد تہ خوش هوندينءَ. اڄ وري توسان ٻيءَ گستاخي ڪري رهيو آهيان. پهرين گستاخي تڏهن ڪئي هئم، جڏهن ڏهہ سال اڳ پاڻ ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسين. هڪ ڏينهن مون پيار جي اظهار لاءِ ٻڄي ٻڄي ڪاغذ جي ٽُڪري تي ”مونکي توسان محبت آهي“ لکي توکي ڏنو هو. تون اهو پڙهي ناراض ٿي ويئي هئينءَ. مونکي چيو هيءِ، ”شرم ڪونہ ٿو اچئي، ماءُ پيڻ ڪونہ اٿئي؟“ تنهنجي انهيءَ رويي ايتري اذيت پهچائي هئي جو زندگي ۾ آيل سموريون اذيتون ان جي ڀيٽ ۾ ننڍيون لڳنديون اٿم. تو جڻ مٿي ۾ پٿر هڻي ڪڍيو هو. پنواتي چڙهي ويئي هئم. ايڏي شرمندگي ٿي هئي جو اوڏي مهل مرڻ جي تمنا ڪئي هئم. ان ڳالهہ جي ڪُلي وڃڻ سان توکي چاهيندڙ هڪ سياسي تنظيم جي شاگرد اڳواڻ مونکي مار بہ ڪيرائي هئي. اڄ وري هيءَ ٻي حجت بہ يقينن توکي ناراض ڪندي، پر مجبور آهيان. دل تي بار ايترو وڌي ويو آهي جو ڪٽڻ ڏکيو ٿي پيو آهي، ۽ مون تومان آسرو بہ نہ لاٿو آهي. اڃا بہ آس اٿم تہ توکي حاصل ڪري وٺندس. جڏهن اها اميد ختم ٿي تہ شايد منهنجي زندگي جو ڏيو وسامي وڃي.

ها تہ ساجده! مون توکي شدت سان چاهيو آهي. ايترو چاهيو اٿم جيترو ڪو نابين اکيون چاهيندو آهي، رڃ ۾ ٻوڙندڙ اڃايل هرڻ پاڻي چاهيندو آهي. تون ان جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهين ٿي، هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ دوران آئون هشيار شاگرد هئس. استاد مونتي فخر ڪندا هئا. ڪلاس جو مانيٽر بہ رهيس. پر جڏهن ڪاليج ۾ توکي ڏٺم تہ پڙهائي مونکان وسري ويئي. تون منهنجي ذهن تي سوار ٿي وئين. آئون توکي تعليم سمجهي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. جڏهن تنهنجو ديدار ٿيندو هو تہ ايتري خوشي ٿيندي هئي جيتري ڪنهن دولت جي پڄاري کي بيپناهہ دولت ملڻ وقت ٿيندي آهي. جنهن ڏينهن توکي نہ ڏسندو هئس اهو ڏينهن عذاب ۾ گذرندو هو. هڪ ڏينهن چا ٿيو مونکي بخار آيو حالت خراب هئي. پوءِ بہ ويهہ ڪلوميٽر سفر ڪري توکي ڏسڻ لاءِ ڪاليج آيو هئس. ويهڻ جهڙو بہ ڪونہ هئس. لان ۾ پيل بينچ تي ليٽي پيو هئس. جڏهن توکي ڏٺو هئم تہ فرحت محسوس ٿي هئي.

محبت ۾ ماڻهو ڪيڏو مجبور ٿئي ٿو ان جو اندازو دل وارائي لڳائي سگهندا مون بہ تولءِ ڏاڍو پوڳيو آهي. هر اهو عمل ڪيو اٿم جنهن سان تنهنجيءَ خوشنودي حاصل ٿئي. پر منهنجيءَ سموري جستجو اجائي ويئي آهي. تنهنجو حاصل ڪرڻ منهنجي لاءِ آبِ حيات وانگر ڏکيو ٿي پيو آهي. آئون نہ رڳو توسان محبت ڪريان ٿو پر تنهنجيءَ ذات وارن سان بہ محبت پيدا ٿي پئي آهي.

تنهنجا مائٽ وڻندا اٿم، انهن جي چهرن ۾ توکي ڳوليندو آهيان. مونکي تنهنجو شهر وڻندو آهي. اڳ ۾ تنهنجو شهر مون لاءِ ايترو ڪشش وارو نہ هو هاڻ تہ ان جي هر شئي پسند اٿم. جڏهن دل جو غبار حد کان وڌي ويندو آهي، تنهنجي شهر ايندو آهيان تہ سڪون ملي ويندو آٿم. اتان جي هوائن مان تنهنجي سرهاڻ ايندي آهي.

مون توکي حاصل نہ ڪري سيڪجهہ وڃائي ڇڏيو آهي. منهنجي صحت تباهہ ٿي ويئي آهي، منهنجيءَ شڪل تبديل ٿي ويئي آهي، منهنجي مٽي جو هر هڪ اڇو وار تنهنجي محبت جي شاهدي ڏيندو. تون هن ڳالهہ کي ٻتاڪ نہ سمجهج، ننڍي هوندي آئون ايترو خوبصورت ڪٽي نہ پر ايترو بدشڪل بہ ڪونہ هئس. ڪيترا ڇوڪرا مونسان دوستي رکڻ لاءِ آتا هوندا هئا، اڄ ڪير ڳالهائڻ لاءِ تيار ڪونهي.

هن وقت منهنجي مالي حالت بنهہ خراب آهي. بابا بيمار آهي، پيڻ جا هٿ غربت جي ڪري ڳاڙها ٿي نہ سگهيا آهن. امان مونکي سمجهائيندي آهي تہ سُڌران، پر سندس هدايت مونتي اثر نہ ڪري سگهي آهي. پلا تون بہ ڪا وسارڻ جهڙي آهين؟ نہ هرگز نہ. تون زندگي آهين، تون روشني آهين؟ تون خوشبو آهين. تون ملي وڃين تہ ڪائنات ملي وڃي. تو بنان زندگي ويران آهي. هاڻ تون ڊاڪٽر ٿي ويئي آهين، ان ڳالهہ خوشي پهچائي آهي. منهنجا پيا هم ڪلاسي بہ اهم عهدن تي پهتل آهن. رڳو آئون ئي ترقي نہ ڪري سگهيون آهيان. جيڪڏهن تون ساٿ ڏين ها تہ آئون بہ اڄ ڊاڪٽر هجان ها. ننڍي هوندي مونکي ڊاڪٽر ٿيڻ جو ڏاڍو شوق هو. هن وقت منهنجي ملڪيت فقط ڇٽن جو ٿال آهي، جيڪو وڪٽي توکي ياد ڪرڻ لاءِ جيئندو آهيان.

انهن ڏهن سالن ۾ تون هڪڙي ڏينهن بہ وسري نہ سگهي آهين. اڃا ڪا اهڙي رات نہ آئي آهي جو توکي ساري رُنو نہ هجان. ننڊ ۾ بہ تون آهين تہ اوجاڳن ۾ بہ تون. تون منهنجيءَ دل جو دڙڪو آهين، ساهہ جو سهڪو آهين. آئون توکي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس، پنهنجي ساهہ جي آخري هڏڪي تائين توکي ياد ڪندو رهندس.

# روح جا رشتا

مونکي ورهاڱو چٽو ياد آهي. پندرهن ورهين جو ڪو هوندس. اسان جي ڳوٺ تي جڻ راڪاس گهمي ويو هو. هر چهرو اداس ۽ هر اک آلي هئي. سمجهه ۾ نه پئي آيو ڇا پيو ٿئي. ڪا تمنا هئي ته شل جانب جدا نه ٿين. اڄ جا نوجوان شايد اهو درد محسوس نه ڪري سگهن. پر ان دئور جا وڏڙا جن ورهاڱو ٿيندي ڏٺو هو، اهي بخوبي ان درد کي سمجهي سگهندا. آئون ان غم کي اڃا به وساري نه سگهيو آهيان. اهو غم هر وقت منهنجيءَ دل ۾ پالي جيان چڀندو رهي ٿو. ڳالهه ياد پوڻ سان بيچين ٿي ويندو آهيان. اهو ڪيڏو نه پوائتو منظر هو جڏهن نياڻيون پنهنجن گهرن ڇڏڻ وقت رنيون هيون. اسانجي ڳوٺ جا ڪيترا ماڻهو ڇيلهن تي سندرا ٻڌي پنهنجن هندو دوستن سان گڏجي پر واري شهر تائين ڇڏڻ هليا هئا ۽ روئي موڪلايو هو. مونکي منهنجي يار چانڊو جي اها موڪلاڻي اڃا به تڙپائيندي آهي، جڏهن اسان ڳل ڳل تي رکي گهڻي دير رُنا هئاسين. سندس ڳل جو ڇهاءُ اڃا تائين پنهنجي ڳل تي محسوس ڪندو آهيان. مونکي چانڊو جي پيءُ ڪاڪي ڪجومل جو ٻنيءَ تي وڃي هنجون هارڻ اڃا به اداس ڪندو آهي.

تڏهن اسان جي ڳوٺ جو به اوج هو. ڳوٺ ۾ ڏيڍ سئو کن گهر هئا. انهن ۾ ذري گهٽ اڌ هندن جو هو. پاڙن وانگر رهندا هئاسين. ٻهاري لڳي پئي هوندي هئي. اصل زمانو هو اڄوڪي وانگر اڄان ڪلفت ڪونه ڪاهي پئي هئي. محبتون هيون، خوشيون هيون. ڳوٺ ۾ وڏا وڏا ڳاٽا ايندا هئا، ڀڳتون ٿينديون هيون، وڏڪپل ڪُڏبي هئي. هنن جي وڃڻ ڪانپوءِ ڳوٺ جو اهو چلتو نه رهيو آهي، اڳوڻيون رونقون ختم ٿي ويون آهن. سيڪو پريشانين ۾ پورو. گهر، گهر کان بيزار آهي.

بابا، ڪاڪي ڪجومل جو ڪمدار هو. هو ڏاڍو مهربان انسان هو. بنا پيد پاءُ جي اوکي سوکي هر ڪنهن جي ڪم اچڻ وارو. اسان تي خاص مهربان هو. سندن عيدون ٿينديون هيون ته هن طرفان اسانجي گهر طعام ايندا هئا. اسانجون عيدون ٿينديون هيون ته به ڪپڙا ۽ سامان وٺي ڏيندو هو.

وقت وچوڙو ڏٺو، پر نه سندس يادون متائي سگهيو ۽ نه نشان. اڄ به اسانجي ڳوٺ ۾ هنن جون اڏايل جايون سندن وجود جي شاهدي ڏيڻ لاءِ ڪر ڪٽيو بيٺيون آهن. اڄ به ڪاڪي ڪجومل واري ٻنيءَ سندس نالي پنيان سڏبي آهي، اڄ به ديوان وارو واهه ساڳئي نالي سان سڏجي ٿو. سيڪجهه ساڳيو آهي پر هو نه آهن، رڳو سندن غم آهي.

ورهاڱي ڪانپوءِ ٻنهي ملڪن جا اختلاف چوٽ چڙهي ويا. جنگيون لڳيون، اچ وڃ تي پابندي لڳي. ورهيه وهامي ويا، هنن جي خبر نڪا چار. وري جڏهن حالتون سڌريون، وصال واءُ وريو ته پرين جو پيغام پهتو. هڪ ڏينهن پر واري شهر مان سيٺ مگهن لال آيو. پڇائون ڪندي اچي مونسان مليو.

چيائين ”ڪاڪو ڪجومل گذاري ويو آهي. پاڻ وصيت ڪئي هئائين تہ مرڻ ڪانپوءِ سندس خاڪ اباڻي ڳوٺ وٺان وهندڙ وزيراڻي برانچ ۾ وڌي وڃي. چاندو خط لکيو آهي تہ ان جو اطلاع توکي ڏيان. هو هفتي ڪانپوءِ هتي ايندو.“

نياپو ٻڌي منهنجيءَ ويران دل ۾ يادن جا گلاب ٽڙي پيا. ماضي جا سمورا منظر ذهن جي پردي تي تري آيا. روح بيقرار ٿي پيو. رات ڏينهن رڳو هن جي تانگھ هجي ٻيءَ ڳالھ نہ وڻي.

اچڻ واري ڏينهن ڏنل ٽائيم تي اسان ننڍا وڏا ڳوناٺا گڏ هجون. هنن جو انتظار پئي ڪيوسين. تيسين هڪ ڳوناٺي هٿ جو اشارو ڪري رڙ ڪئي، ”اڙي هو اچي ويا!“ اهي لفظ ٻُڌي منهنجي دل ايترو تيز ڌڙڪڻ شروع ڪيو سمجهيم ڦاٽي نہ پوي. مون بہ وٽن جي اوٺ مان ڳوٺ ڏي ايندڙ رستي تان بہ ڪارون ايندي ڏٺيون. اسانجو جوش هيڪاري وڌي ويو. هو پهتا دل باغ بهار ٿي ويئي. چاندو گاڏي مان لٿو اکيون چار ٿيون. سندس اکين مان اچا موتي ڪريا. مون ڀاڪر پاتس. ان مهل منهنجيءَ جيڪا حالت ٿي اها بيان ڪرڻ مشڪل آهي. منهنجي بدن جو وار وار اُڀو ٿي ويو هو. ڪيتري دير هڪ ٻئي جي ڀاڪرن ۾ روئندا رهياسين. ڀاڪر ڪيياسين هو مونکي ديوانن وانگر لڳو. منهن تي رت تري آيو هئس. اکين مان زارو زار لُڙڪ پئي وهيس.

شام جو خاڪ وزيراڻي ۾ وجهڻ جي رسم ادا ٿي. ڳوناٺا ۽ شهر مان آيل ماڻهو چاندو سان گڏجي برانچ تي پهتاسين. چاندو ٻاچڪي جو منهن کولي ڏاڍي احترام سان رک پاڻي ۾ وجهڻ لڳو. ان وقت اسانجي عجيب ڪيفيت ٿي ويئي هئي. سيئي مٽيءَ سان محبت جي جذبي ۾ ٻڏي ويا هئاسين. گهڻن رومال ڪڍيا ۽ اکيون اگهڻ شروع ڪيون. چاندو جي چهري تي سڪون ڇانيل هو ۽ لبن تي غم گاڏڙ مُرڪ. هو پنهنجو فرض پورو ڪري خوش ٿيو هو. پاڻ ٻڌايائين تہ ”بابا کي سنڌ سان ايترو عشق هو جو آخري دم تائين سندس زبان تي سنڌ جو نالو هو.“

هو قرب ڪري يڪا چار ڏينهن اسانجي ڳوٺ رهي پيو. پاڻ چيائين، ”مون دنيا جا گهڻا ملڪ ڏٺا آهن. بمبئي ۾ منهنجو وڏو ڪاروبار آهي، محلات جهڙو گهر اٿم. پر اباڻي وطن جي هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهندي جيڪو سڪون مليو اٿم، اهڙو ٻئي ڪنهن بہ هنڌ نہ مليو آهي. هن ڳوٺ ۾ گهاريل گهڙيون منهنجي زندگي جو قيمتي سرمايو آهن.“

هن جي اچڻ سان اسانجي ڳوٺ کي رونق ملي هئي. هرڪو خوش هو تہ ڪين وڇڙيل دوست مليو هو. سيڪو پيو ڪيس حُب مان دعوت ڏي. اسان تہ اچا سڪ بہ نہ پلي، تيسين وڃڻ جو وقت پرجي آيو. چار ڏينهن ڄڻ ڪو خواب هو جو گذري ويو. هن موڪلايو ماحول وري سوڳوار ٿي ويو. اکيون وري ٽمي پيون، اسان وري ڀاڪر پاتا ۽ سڏڪن ۾ پئجي وياسين.

# چيٽ

موبائل فون ۾ ميسيج آيو. ”نوان ۽ دلچسپ دوست ڳاهيو. آر لکي سئو چوئيتاليھ تي ميسيج ڪريو.“

اهو پڙهي ڏاڍو خوش ٿيس. اخبارن ۾ اڪثر پڙهندو هئس تہ پنجاب جي فلاڻي شهر جي سرمائيدار گهراڻي سان تعلق رکندڙ خوبصورت ڇوڪريءَ موبائل تي دوستي ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ جي فلاڻي ڳوٺ سان تعلق رکندڙ نوجوان سان ڪورٽ ۾ شادي ڪري ڇڏي. نوجوان اڳ ۾ بہ شادي شده ۽ ٽن ٻارن جو پيءُ آهي. اهڙيون ڳالهيون پڙهي دل سڙي ويندي هئي. منهنجي بہ خواهش ٿيندي هئي تہ ڪنهن امير گهراڻي جي سهڻي ڇوڪريءَ من ڪا مونسان بہ ٺهي پوي. بہ ٽي دفعا ڇوڪرين ڳالهايو بہ سهي پر نالو پڇي رانگ نمبر جو ٻڌائي فون بند ڪري ڇڏينديون هيون. ۽ آئون حسرت ڪندي رهجي ويندو هئس. ان ڏينهن جڏهن دوستي رکڻ وارو ميسيج پڙهيم. اميد پيدا ٿي تہ ضرور ڪا سهڻي من موهڻي منهنجي ڏيهي ۾ ڦاسندي. هوءَ نہ رڳو منهنجي دل ٺاريندي پر مالا مال بہ ڪري ڇڏيندي. ديرئي ڪونہ ڪيم ٻڌايل ڏس تي ميسيج موڪيلم.

ٿوري دير ڪانپوءِ ميسيج اچڻ لڳا. پر نالا ڇوڪرن جا. ڪو چوي, ”آئون ايم بي اي جو شاگرد عمر چويھ سال. ڪا سهڻي ۽ سچي ڇوڪريءَ رابطو ڪري. ڪو چوي تہ آئون ايم ايس سي جو شاگرد. يونيورسٽي ۾ پڙهان ٿو. ڪا سمارٽ ۽ سيڪسي ڇوڪري رابطو ڪري. هڪڙي تہ مورڳو مونکي ڇوڪريءَ جي نالي سان مخاطب ٿيندي چيو. زُنيرا آئون اڪيلو ۽ گرم ڇوڪرو آهيان.مونسان دوستي رکنديئءَ تہ توکي هر طرح خوش رکندس.“

اهڙا ميسيج پڙهي مورڳو پريشان ٿي ويس. دل ۾ چيم جيسين ٿو ڇوڪريءَ سان دوستي رکان, تيسين اهي ڇورا مونکي زال بنائي ڇڏيندا. پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ آئي تہ ڪٿي وڃي ڦاٿو آهيان. پنجاهہ سالن جي عمر ۾ ٻارن وارا ڪم پيو ڪريان. پر ڇوڪرين سان دوستي رکڻ واري تمنا مايوس نہ ڪيو. دل ٻڌي پنهنجو نمبر لکي نئين سر ميسيج موڪليم, ”آئون ڇوڪرو آهيان. ڪنهن ڇوڪريءَ سان دوستي رکڻ ٿو چاهيان.“

سُتت ئي ميسيج آيو ”واهہ سائين واهہ! ڇوڪريءَ سان ٿو دوستي رکين. پنهنجي شڪل ڏٺي اٿئي؟“

ڦڪائي اچي ٿي, پر ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس. دل جو سور دل ۾ رکيم. وري ٻيو ميسيج آيو. ” جان! تون پنهنجو نالو ٻڌائينديئءَ؟“

”پهرين تون پنهنجو نالو ٻڌاءِ.“

”مونَ.“

”تون ڇوڪريءَ آهين؟“

”نہ جان! آئون ڇوڪرو آهيان.“

باھہ وچان ڪٽي ڇيٽ مان هٿ ڪڍيم. پر هو پڇر ئي نہ ڇڏي. لاڳيتو ويھہ ميسيج موڪليائين. ”جان! تون پنهنجو نالو ٻڌاءِ؟ آئون تون وٽ اچان. پليز رپلاءِ ڪر. پوءِ مونکي بہ ٿي آيو مزو ڏنم ڍر. ڇيم يلي خوش فهمي ۾ رهي. هن بہ گهڻين ڇوڪرين کي دوکا ڏنا هوندا. سين جو وير ٿو ورايان.

لکيم، ”جاني منهنجي نالي جي توکي ضرور خبر پوندي، اج نہ ڪنهن ٻئي دفعا. ڪجهہ صبر ڪر.“

هُن جا روز درد ڀريا ۽ مايوس شعرن وارا ميسيج ايندا هئا ۽ پڇاڙي ۾ نالي ٻڌائڻ لاءِ زور ڀريندو هو. آئون ڪا نہ ڪا ٺُومري هڻي تاري ڇڏيندو هئس. هڪ ڏينهن هُن نالي ٻڌائڻ لاءِ گهڻو ضد ڪيو. چي، ”منهنجي جان! اج ڪنهن بہ حالت ۾ پنهنجو نالو ٻڌاءِ. منهنجي ماني وهہ ڪري ڇڏي اٿئي، ننڊون ڦٽائي ڇڏيون اٿئي. پليز رپلاءِ ڪر.“

آئون بہ اچي ڦاٿس. ڇيم ڪير آهي واندو جيڪو روز ڇوري سان وينو مٿو هڻي. سچي ٻڌاءِ جان ڇڏايان.

نيٺ ٻڌايم، ”آئون ڇوڪريءَ نہ آهيان.“

”اڇاجي. عمر گهڻي اٿئي؟“

”پنجاھہ سال.“

”شادي ڪئي اٿئي؟“

”هاءُ.“

”ٻار گهڻا اٿئي؟“

”ڏهہ.“

”ڪرڪيٽ ٽيم ڪڏهن ٺهندي؟“

”اها بہ جلدي ٺهي ويندي.“

”ماشاالله نيڪ ارادو آهي. ڇڱو گڏباءِ.“

ٿوري دير ڪانپوءِ منهنجي موبائل جي گهنٽي وڳي. نمبر اهو ساڳيو مونَ وارو. فون کڻ تي رکيم منڙو زنانو آواز پئي آيو ”انڪل! آئون اسلام آباد کان مونا پئي ڳالهايان. ڇڱو ٿيو تو پنهنجي باري ۾ سيڪجهہ سچ ٻڌائي ڇڏيو. مونکي ڪنهن ڇوڪري سان دوستي رکڻي هئي. تون تہ پوڙهو آهين.“

منهنجا تاڪ لڳي ويا. رڙڪري ڇيم، ”اِگ ڪوڙ پئي ڳالهايم. آئون نوجوان ڇوڪرو آهيان.“

پر هن ڪال ڪٽي ڇڏي. مونکي چڪر اچي ويو.

# چيچڙو

گهڻو وقت اڳ مونکي آبدار جي نوڪري جو آرڊر مليو هو. تڏهن نوڪريون ٽڪن ۾ ڪونہ ٽُرنديون هيون. چوڪرو مئٽرڪ پاس ڪندو هو ۽ هٿ پير هڻندو هو تہ نوڪري ملي ويندي هئي. هينئر تہ نوڪرين جو هيڪاري مان وڌي ويو آهي، هاڻ پلي ڪو ماڻهوءَ وڏا امتحان پاس ڪري وتي جتيون گسائيندو، پر نوڪري جهل ئي نہ ڏيندي. باقي سفارش جي ٻيءَ ڳالهہ آهي. پر بڪئي جو ڪو اوهي ڪو واهي؟

مونکي آرڊر ڇا مليو مورڳو سڄو گهر پريشان ٿي پيو. اهو آرڊر منهنجي ڳوٺ کان هڪ سئو ويهہ ڪلوميٽر پري سکپور شهر ۾ ايگزيڪيوٽوَ انجنيئر جي آفيس لاءِ نڪتو هو. جتي مونکي رپورٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. نوڪري جي درخواست ڏيڻ وقت سوچيو هئم تہ جي نوڪري ملي تہ ڳوٺ واري پاسي ئي ملندي، پر ائين نہ ٿيو. منهنجو سر ڪڍي ڇڏئون.

تڏهن منهنجي عمر ويهہ سال هئي. قد ڇوٽي ۽ ڏاڙهي نہ اچڻ ڪري ٻار لڳندو هئس. حجابن ۽ حضور شرمي جو گهر هئس، ڏارين ماڻهن جي اڳيان ماني بہ نہ کائي سگهندو هئس، تہ اهي مونکي کائيندو ڏسي منهنجي باري ۾ ڪجهہ سوچين نہ. ڪٿي مهمان ٿي ويندو هئس تہ حجابن جي ڪري کاڌي مان جلدي هٿ ڪڍي ڇڏيندو هئس ۽ پيو بُک مرندو هئس. يا جيڪڏهن ميزبان منهنجي حجابن کي ڏسي کائڻ لاءِ زور ڀريندو هو تہ پيو کائيندو هئس. پوءِ پلي پيو پيٽ ۾ سور پئي. انڪار ڪرڻ مونکان نہ پڄندو آهي.

جيئن تہ امان کي مونسان بيحد پيار هو. هوءَ مونکي پل بہ پري ڏسڻ نہ چاهيندي هئي ۽ منهنجي لڄاري طبعيت کان واقف هئي. تنهن چيو "ابا، تون اجا ننڍو آهين. نوڪري ڪري نہ سگهندين، انڪري ڊيوٽي ڇڏي ڏيار." ناني پوڙهيءَ بہ مونکي گهڻو پائيندي هئي. ان جو بہ لُڙڪ نٿي بينو. ننڍا پاٿر ۽ پينرون پيا سمجهن تہ ادا واپس ايندو الاءِ نہ. پر جيئن تہ نوڪري مون وڏي ڪوشش سان ورتي هئي ۽ غريب بہ ڏاڍا هئاسين. وري جي سمجهدار ماڻهن صلاح ڏني تہ نوڪري نہ ڇڏ، ڪجهہ مهينن کانپوءِ بدلي ڪرائي ونج. اها صلاح دل سان لڳي. انڪري وڃي ڊيوٽي تي چڙهيس.

ايگزيڪيوٽوَ انجنيئر سکپور ڊويزن جي نگراني ۾ چار سب ڊويزنون هيون. انهن جا انچارج اسسٽنٽ انجنيئر هوندا هئا. مونکي ننگر سب ڊويزن موڪليو ويو تہ پوءِ وڃي پريشاني ختم ٿي ۽ هوش ٺڪاڻي آيو. ننگر جو شهر منهنجي ڳوٺ کان پنجاهہ ڪلوميٽر پري هو جتان روزانو ڳوٺ اچي وڃي سگهيس ٿي. باقي ڪڏهن ڪم سانگي سکپور جي ڊويزن آفيس بہ وڃڻو پوندو هو.

هڪ دفعي سکپور جي ڊويزن آفيس ۾ سمورن آبدارن جي ميٽنگ رکيل هئي. گڏجاڻي ختم ٿي

تہ اتان جي هڪ لوڪل آبدار شاهد منهنجي روئڻ جهڙي شڪل ۾ پري کان آيل ڏسي، ترس کائي مونکي منجهند جي ماني کارائڻ وٺي ويو. شاهد ڏاڍو محنتي شخص آهي. پاڻ حجامت جو ڪم بہ ڄاڻندو آهي. ڊيوٽي ڪرڻ کانپوءِ اڌ ڏينهن اهو ڪم ڪندو آهي. هو مونکي دڪان تي وٺي آيو. اتي ڪجهہ گراهڪ بہ ويٺل هئا جيڪي پنهنجيون ڏاڙهيون ۽ وار ٺهرائي رهيا هئا. آئون هڪ بينچ تي ٽي ويٺس. شاهد مونکي اتي ڇڏي ماني کڻي آيو. هو ماني ڏيئي پنهنجي ڪم کي لڳي ويو. آئون ديوار طرف منهن ڪري ماني کائڻ لڳس. گوشت جو ٻوڙهو ٻوٽيون کائيندي هڪ ڇيڇڙو وات ۾ اچي ويو. ڇيڇڙي کي چٻاڙيم پر چٻاڙجي نہ سگهيو. ٻاهر ڪيڻ مون مناسب  نہ سمجهيو. ننڍي هوندي ٻلور ۾ سڪا ڳڙڪايا هئم تہ ڪجهہ نہ ٿيو هو. سمجهيم ڇيڇڙو بہ هليو ويندو. سو ڳيت ڏيئي هيٺ لاٿم. پر هو هيٺ نہ ويو. نڙي ۾ ڦاسي پيو. هيٺ لاهڻ جي گهڻي ڪوشش ڪيم. ڇيڇڙو لهڻ جي ڳالهہ ئي نہ پيو ڪري. پوءِ تہ مونسان جُٽ تي ويئي. ساهہ منجهڻ لڳم. اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا. ڊپ ٿيم مري نہ پوان. ڦڪائي مان پاسي کان رکيل پاڻي بہ نہ پيو پيان تہ متان منهنجيءَ نازڪ حالت ماٺهو ڏسي وٺن. قسمت موچاري هئي آخر بچاءُ ٿي ويو. ڳيتون ڏيئي ڏيئي نيٺ ڇيڇڙو هيٺ لاٿم تہ وڃي بود ۾ آيس. شڪر ٿيو جو ڇيڇڙي سان وڙهندڙ ان جنگ ۾ ٻئي ڪنهن مونکي ڪونہ ڏٺو. انڪري عزت رهجي آئي. اهڙي طرح ڪاڏو کائيندي آئون شهيد ٿيڻ کان بچي ويس.

ఌ

# ميخون محبت سنديون

گهڻا سال اڳ جي ڳالهه آهي منهنجو ستر سالن جو پوڙهو پيءُ بيمار ٿي پيو هو. بابا بيمار ته اڳ ئي رهندو هو پر دوائن وسيلي پيو تڳندو هو. ان ڏينهن يڪو بيهوش ٿي ويو هو. دوستن صلاح ڏني بابا کي ڪنهن وڏي شهر جي اسپتال ۾ داخل ڪرائجي. انڪري ڪراچي ڪٺائي ويو هئس. اتي هڪ وڏي سرڪاري اسپتال ۾ داخل ڪرايم.

بابا کي ڪراچي وٺي وڃڻ دئوران ڏاڍو پريشان هئس ته ڏيڍ سئو ڪلوميٽر پري رهي ڪيئن سگهندس. هئس به نوجوان پر گهر کان ٻاهر رهي نه سگهندو هئس. مجبوري ۾ ڪٽي ڪا رات رهڻي پئجي ويندي هئي ته پاڻ کي پرديس ۾ محسوس ڪندو هئس. توڙي جو اها جاءِ پلي ڪٽي منهنجي ڳوٺ کان پنج ڪلوميٽر پري هجي.

داخلا وٺي جڏهن آئي سي يو وارڊ ۾ پهتاسين ته منهنجا وهم ۽ وسوسا ختم ٿي ويا. سڪون ملي ويو دل چيو هتي ڏينهن ته ڇا مهينا به خوشي سان رهي سگهجن ٿا. ڳالهه ڇا آهي ته خوبصورتي منهنجي ڪمزوري آهي، اتي سپنا کي ڏٺم جڻ منهنجي مئل جسم ۾ ساهه پئجي ويو.

سپنا نرس هئي. هوءَ بيحد خوصورت هئي. گلابي بدن تي اڇي ڊريس پائيندي هئي ته ائين لڳندو هو جڻ پري هجي. چهرو اهڙو وڻندڙ جو بڪايل ماڻهوءَ ڏسي ته ٻُک لهي وڃي. اکين ۾ بيپناهه ڪشش ۽ آواز ۾ ماکي جهڙو ميناج. هلڻ ۾ اهڙو وقار جو هلندي هئي ته ماڻهو ڏسڻ بيهه رهندا هئا. هوءَ نه رڳو خوبصورت هئي پر اخلاق به حد درجي جو هئس. نه هٺ نه وڏائي، چپن تي هر وقت مُرڪ. مريضن سان مٺو هڻڻ به وڏي همت جو ڪم آهي. ان معاملي ۾ انهن جا وارث ۽ ڊاڪٽر به ڪڏهن ڪڏهن بيزار ٿي پوندا هئا، پر هوءَ نه ڪاوڙبي هئي. سدائين پئي مريضن کي دلداريون ڏيندي هئي. سندس ان طرز عمل سندس شخصيت کي وڌيڪ پرڪشش بنائي ڇڏيو هو. هوءَ موجود هوندي هئي. ته مزو لڳو پيو هوندو هو. جڏهن ڊيوٽي پوري ڪري هلي ويندي هئي ته وارڊ بي رونق بنجي ويندو هو. سندس وڃڻ کانپوءِ چڱا ڀلا ماڻهو بيمار ٿي پوندا هئا. آئون هر وقت آڏي اک سان پيو هن کي ڏسندو هئس. جي اتفاق سان هن جون نظرون منهنجيءَ نظرن سان ملنديون هيون ته ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيندو هئس. نظرن ملائڻ جي مون ۾ جرئت نه ٿيندي هئي. هوءَ منهنجي دل جي ڳالهه سمجهي ويئي هئي.

هڪ رات ٻارهين وڳي جو ٽائيم هو. گهڻي دير اڳ هوءَ وارڊ مان چڪر هڻي ويئي هئي، پر منهنجيءَ دل نه پري هئي. وري به ڪيس ڏسڻ جو شوق جاڳيو هو. آئون ٻاهر وڃڻ جو بهانو ڪري اسٽاف روم وٽان لنگهيس. ڪيس ڏسندو ويس. هن به مونکي ڏٺو. ڪجهه دير سهي واپس وريس، ته

مونکي سڏ ڪيائين. اسٽاف روم ۾ پيو ڪير به ڪونه هو. مونکي ڊپ ٿيو بيعزتي ڪندي. ٽنگون ڏڪڻ لڳيم، ڊڄندو ڊڄندو اندر ويس. مونکي ويهڻ جو چيائين. آئون ڪرسي تي ويٺس. هن چيو، ”تون مونکي هر وقت گهوري گهوري ڇو ڏسندو آهين؟“

مون ۾ جواب ڏيڻ جي همت نہ ٿي. گهبراهٽ ۾ آڱريون مهٽڻ لڳس.

منهنجي مونجهہ کي ڏسي وري پڇيائين، ”ٻڌائيندي ڇو ٿو ٿين؟“

ڪنڌ لوڏي هائوڪار ڪيم.

”مون ۾ ڪهڙي ڳالهہ آهي جو توکي ڏسڻ تي مجبور ڪري ٿي؟“

آئون وري بہ ماٺ.

”توکي وڻان ٿي؟“ پاڻ سوال ڪيائين.

مون هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

”آئون ايتري سُني تہ نہ آهيان.“

”مونکي سُني لڳين ٿي.“ پهريون دفعو حجاب ٽوڙيندي چيم.

”ائين نہ آهي، سچاٽپ ۾ تو غلطي ڪئي آهي.“

”پر آئون توکان بيحد متاثر آهيان.“

”مونکان وڌيڪ مونکي ڪير بہ ڪونہ ٿو سچاڻي.“

”سُنا ماڻهو ائين ئي چوندا آهن. تون نہ هجين ها تہ منهنجو وقت الاءِ ڪيئن گذري ها.“ منهنجي ڳالهہ ٻڌي هن جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو.

ڪجهہ دير رکي وري پڇيائين، ”پوڙهو بابا جنهن سان تون گڏ آهين، اهو تنهنجو ڇا ٿئي؟“

”پيءُ آهي.“

”اڇا!“ حيران ٿيندي چيائين، ”توکي پنهنجي پيءُ جي بيماري جي بہ پرواهہ نہ آهي. ڪيڏي نہ خراب حالت اٿس.“

”تون منهنجي دل نہ ڏٺي آهي. بابا کي هتي وٺي اچڻ لاءِ مونکي قرض ڪڍڻو پيو. پيسن لاءِ ماڻهن کي هٿ ٻڌڻا پيا. اهو بابا سان محبت جو ثبوت آهي.“

منهنجيءَ ڳالهہ ٻڌي هن جي چهري تي غم ۽ همدردي جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. وري پڇيائين، ”تون شادي ڪئي آهي؟“

”ڪئي اٿم.“

”ٻار بہ اٿئي؟“

”جيءُ ها.“

”هڪ ڳالهہ چوانءِ؟“

”چئہ.“

”پر ميڻي پونديءَ؟“

”تنهنجو هر حڪم اکين تي، نه ميان گناهگار ٿيان.“

”ڏس تون شادي شده آهين، ٻار به اٿئي. اهو سٺو نٿو لڳي جو تون پنهنجيءَ زال سان پيار نه ڪرين ۽ ٻين جي پويان لڳو وتين.“

”آئون پنهنجي زال سان به پيار ڪندو آهيان. پر تون ۾ الاءِ ڪهڙي ڪشش آهي جو نگاهون ازخود توڏانهن کڄيو وڃن.“

”ٺيڪ آهي، ان ڳالهه جو منهنجي صحت تي ڪوبه خراب اثر نه پوندو. آئون بُردبار آهيان. پر ٻين عورتن جي پويان پنهنجو وقت نه وڃائج.“

”ائين ئي ٿيندو.“

”هاڻ تون ٻلي وڃ.“

آئون اتان هليو ويس. انڪانپوءِ سپنا جي رويي ۾ مون لاءِ ڏاڍي نرمي اچي ويئي. هوءَ بابا جو وڌيڪ خيال رکڻ لڳي، ڪم ڪار جو پڇندي هئي. سندس ڊيوٽي ختم ٿيندي هئي ته ٻيءَ نرس کي به اسان جي پارت ڪري ويندي هئي.

اسان اتي ٻاويهه ڏينهن رهياسين. بابا ٺيڪ ٿي نه سگهيو. نيٺ هڪ ڏينهن گذاري ويو. ان وقت سپنا ڊيوٽي تي موجود نه هئي. آئون بابا کي ڪٽائي ڳوٺ هليو ويس.

ان ڳالهه کي ورهيه وهامي ويا آهن. پر سپنا کي اڃا تائين وساري نه سگهيو آهيان. ساڻس ڪيل وچن تي اڄ به قائم آهيان. ڪڏهن ڪٿي ڪنهن سهڻي عورت تي نظر پوندي آهي ته بيخبري ۾ ان کي ڏسندو آهيان. جڏهن هن سان ڪيل واعدو ياد پوندو آهي ته شرم ايندو اٿم. هڪدم ان تان نظرون هٽائي ڇڏيندو آهيان. جڏهن به ڪم سانگي ڪراچي وڃڻ ٿيندو آهي ته سندس سڪ لڳندي آهي. پوءِ ان سرڪاري اسپتال ۾ هليو ويندو آهيان، جتي منهنجو پيءُ داخل هو جتي هوءَ ويهندي هئي. منهنجيون اکيون هن جي ڳولا ڪنديون آهن، پر هوءَ ڏسڻ ۾ نه ايندي آهي. آئون روئي ٻاهر نڪري ويندو آهيان.



## ليکڪ جو تعارف

غلام رسول پرهياڙ ڀ ميئ 1958ع تي ڳوٺ فقيرو پرهياڙ تعلقو ميرپور بٺورو ضلعو ٺٽو (هاڻ سجاول) ۾ سائين بخش پرهياڙ جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ واري اسڪول مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپور بٺورو مان ۽ انٽر جوا متحان پرائيويٽ ڏنائين، سال 1980ع ۾ آبدار جي نوڪري مليس، جتان پهرين جنوري 2014ع تي رضاڪارانه طور رٽائر ڪيائين. لکڻ جي شروعات 1981ع کان ڪيائين. سندس هڪ ناول "سندي سِڪ پرين" اڳ ۾ شايع ٿيل آهي، هن وقت سنڌي ادبي سنگت ميرپور بٺورو جو سيڪريٽري آهي.